آن لائين
# ڪاوش دنيا
آچر 20 اپريل 2025ع
www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya

## 22 اپريل: ڌرتيءَ جو عالمي ڏينهن

# ڌرتيءَ کي بہ گدلاڻ کان پاڪ هئڻ جو حق آهي





**هِن پرچي جا ليکڪ:**

- ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي
- نور احمد جنجهي
- امر فياض ٻرڙو
- امتياز ابڙو
- رکيل مورائي
- ڊاڪٽر نواب ڪاڪا
- الهہ بخش راٺوڙ
- عبدالرحمٰن پيرزادو
- مصطفيٰ نانگراج
- وسيع الدين جوڻيجو
- ذاڪر لغاري
- ڊاڪٽر طاهره ڪاظمي
- غلام مصطفيٰ سولنگي

**شاعري:**

- امر اقبال
- پارو مل امراڻي
- آصف جمالي

## 22 اپريل: ڌرتيءَ جو عالمي ڏينهن

# ڌرتيءَ کي بہ گدلاڻ کان پاڪ هئڻ جو حق آهي

**هن سال 2025ع جي ڌرتي ڏينهن جو موضوع ”اسان جي طاقت، اسان جو سيارو“ آهي، جيڪو دنيا جي هر فرد کي قابل تجديد ۽ صاف توانائيءَ جي پوبان متحد ٿيڻ ۽ 2030ع تائين صاف بجلي جي عالمي پيداوار کي ٽيڻو وڌائڻ جي دعوت ڏئي ٿو. اهو مقصد ماڻ لاءِ هر ڪنهن کي انفرادي ۽ اجتماعي ڪوششون ڪرڻيون پونديون، جن ۾ آباديءَ تي ضابطو، توانائيءَ لاءِ معدني ٻارڻ جو گهٽ ۾ گهٽ استعمال، شمسي، هوائي ۽ آبي توانائيءَ جو وڌ ۾ وڌ استعمال، وڻ پوکڻ، پاڻي ضايع نہ ڪرڻ ۽ پلاسٽڪ جو استعمال ترڪ ڪرڻ جهڙا ڪم شامل آهن.**



وسيع الدين جوڻيجو

اڱاري، 22 اپريل 2025 تي”ڌرتي جو عالمي ڏهاڙو“ ملهايو ويندو. اهو 55 هون ڏهاڙو هوندو، جيڪو سڄي دنيا ۾ ملهايو ويندو. اهو ڏينهن ملهائڻ جو خيال سڀ کان پهريان آمريڪي رياست وسڪونسن جي سينيٽر گيلارڊ نيلسن کي تڏهن آيو هو، جڏهن 28 جنوري 1969 تي ڪيليفورنيا جي ويجهو سانتاباربرا ڪاؤنٽي وٽ يونين آئل جي پليٽ فارم تان وڏي مقدار ۾ خام تيل رسجڻ شروع ٿيو هو. ان حادثي ۾ 10 ڏينهن دوران 80 هزار کان هڪ لک بيرل تيل سمنڊ ۽ ساحلن کي پنهنجي لپيٽ ۾ ورتو هو. نتيجي ۾ 3600 کان مٿي سامونڊي پکي ان تيل جو کاڄ بڻيا هئا. آبي مخلوق پڻ وڏي تعداد ۾ ان کان متاثر ٿي هئي.

گيلارڊ نيلسن: هڪ نوجوان ڊينس ايلن هيس کي پاڻ سان گڏ ڪنيو ۽ 22 اپريل 1970 تي پهرئين ڌرتيءَ جي عالمي ڏينهن جو انعقاد ڪيو. اهي گروپ جيڪي تيل جي ڦهلاءَ، آلودگي ڪندڙ ڪارخانن ۽ پاور پلانٽس، گندي زهريلي پاڻي، ڪيڙا مار دوائن، ٻيلن جي نقصان ۽ جهنگلي جيوت جي خاتمي خلاف انفرادي طور تي جدوجهد ڪندا رهندا هئا، اهي گڏيل هدفن تائين پهچڻ لاءِ ڌرتيءَ جي ڏينهن تي متحد ٿي ويا. ڌرتيءَ جي عالمي ڏينهن 1970 ۾ هڪ نادر سياسي اتحاد حاصل ڪيو، جنهن ۾ آمريڪي ريپبلڪن ۽ ڊيموڪريٽس، امير ۽ غريب، شهرين، هارين، ڪاروباري ۽ مزدور اڳواڻن جي حمايت حاصل ڪئي وئي.

هن سال 2025ع جي ڌرتي ڏينهن جو موضوع ”اسان جي طاقت، اسان جو سيارو“ آهي، جيڪو دنيا جي هر فرد کي قابل تجديد ۽ صاف توانائيءَ جي پوبان متحد ٿيڻ ۽ 2030ع تائين صاف بجلي جي عالمي پيداوار کي ٽيڻو وڌائڻ جي دعوت ڏئي ٿو. اهو مقصد ماڻ لاءِ هر ڪنهن کي انفرادي ۽ اجتماعي ڪوششون ڪرڻيون پونديون، جن ۾ آباديءَ تي ضابطو، توانائيءَ لاءِ معدني ٻارڻ جو گهٽ ۾ گهٽ استعمال، شمسي، هوائي ۽ آبي توانائيءَ جو وڌ ۾ وڌ استعمال، وڻ پوکڻ، پاڻي ضايع نہ ڪرڻ ۽ پلاسٽڪ جو استعمال ترڪ ڪرڻ جهڙا ڪم شامل آهن.

بوليويا جي اڳوڻي صدر ايوو مورالس آئما چواڻي، ”جلد يا دير، اسان کي اهو تسليم ڪرڻو پوندو تہ ڌرتيءَ کي بہ گدلاڻ کان سواءِ رهڻ جو حق آهي. انسان ذات کي اهو ڄاڻڻ گهرجي تہ انسان ڌرتي ماءُ کان سواءِ رهي نٿو سگهي، پر ڌرتي انسانن کان سواءِ رهي سگهي ٿي.“ الله رب العزت طرفان جوڙيل نظامِ شمسيءَ ۾ ڌرتي واحد سيارو آهي، جنهن تي جاندارن جو وجود آهي ۽ ان وجود کي قائم رکڻ لاءِ هوا، پاڻي ۽ زرخيز مٽي ڌرتيءَ تي موجود آهن. ڌرتيءَ تي حضرت انسان اهو واحد جاندار آهي، جيڪو سوچ سمجهہ هوندي بہ ڌرتيءَ تي ظلم ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ تمام گهڻين مشڪلاتن ۽ مسئلن جا انبار پيدا ڪري رهيو آهي.

انسان اهو سمجهندو آهي تہ، هيءَ ڌرتي کيس ورثي ۾ ملي آهي، پر حقيقت ائين نہ آهي. هيءَ ڌرتي اسان کي ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ لاءِ هڪ امانت طور ملي آهي ۽ امانت پهچائڻ جو بهترين ۽ خوبصورت طريقو اهو آهي تہ اها جنهن حالت ۾ اسان کي ملي ٿي، انهيءَ حالت ۾ حقدار تائين پهچايون. مستقبل ۾ ڌرتيءَ کي تمام گهڻا خطرا لاحق آهن، جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا.

1) حياتياتي تنوع (بايو ڊائورسٽي) سان ماحولياتي نظام مستحڪم ۽ لچڪيدار هوندو آهي. ڌرتيءَ تي موجود هر جنس ماحولياتي نظام جو هڪ اهم حصو هوندي آهي، جنهن جو پنهنجو جدا جدا ڪردار هوندو آهي، پر ڌرتي هن وقت هڪ وڏي تبديليءَ مان گذري رهي آهي. ماحولياتي گدلاڻ سبب ڪجهہ جنسون ڌرتيءَ تان تيزيءَ سان ختم ٿي رهيون آهن.

2) اسان وٽ عام طور تي زراعت جو نظام غير متوازن هجي ٿو، مثال طور ڪو زميندار پنهنجي زمين ۾ ڪڻڪ پوکي ٿو تہ هو ڪنهن ٻئي فصل جي پوکڻ جو سوچي ئي نہ ٿو. زمين ۾ مختلف فصلن جي پوک ان کي وڌيڪ طاقتور بڻائي ٿي.

3) آبادي وڌڻ جي شرح پڻ ڏينهون ڏينهن ماحول کي خراب ڪري رهي آهي. انساني ضرورتن جي پورائي لاءِ خوراڪ، ڪپڙو، توانائي ۽ پاڻيءَ وغيره جي گهرج ۾ بيپناهہ اضافو ٿيندو وڃي ٿو.

4) ٻيلن جي تيزيءَ سان واڍي گرمي پد ۾ اضافي جو سبب بڻجي رهي آهي.

5) توانائيءَ جي حصول لاءِ معدنياتي ٻارڻ جو استعمال تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي ۽ پاور پلانٽس جي چمنين منجهان نڪرندڙ گرين هاؤس گيسن جو اخراج ماحول کي تباهيءَ طرف ڌڪي رهيو آهي. ■





illustration by kaptan abro

# علامه اقبال سنڌ ۾

علامه اقبال جي سنڌ سان فڪري ڳانڍاپي جو هڪ سگهارو ۽ شاندار حوالو هڪ هاڪارو فلسفي ۽ ديني عالم علامه علي محمد ڪاڪيپوٽو به هو. پاڻ اوريئينٽل ڪاليج لاهور ۾ اسڪالرشپ تي فيلو مقرر ڪيو ويو هو. ”مفتاح العلوم“ ۾ لکيل آهي ته. ”ڊاڪٽر محمد اقبال زمان ۽ مڪان جي مسئلي جي فلسفياڻي تحقيق لاءِ علامه ڪاڪيپوٽي جي شاگردي قبول ڪئي. ڪاڪيپوٽو صاحب لاڳيتو ٽن مهينن تائين علامه اقبال کي پاڙهڻ لاءِ وٽس اويندو رهيو. آخري ڏينهن تي ڊاڪٽر محمد اقبال، ڪاڪيپوٽي صاحب کي ٻه تعريفي سَندون: هڪ انگريزي ۽ ٻي فارسيءَ ۾، پنهنجي هٿن سان لکي ڏنيون. گڏو گڏ اهو پڻ چيو ته. هڪ سنڌي هجڻ جي ناتي سان توهان سدائين سنڌ جو مانُ ۽ شانُ مٿانهون رکندا.“



ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي

*سرزمين سندھ مسجودِ دلِ غمدیدہ ہے،*
*ذرہ ذرہ میں لہو اسلاف کا خوابیدہ ہے۔*
*(اقبال رحہ)*

هاڪاري فلسفي، ڏاهي ۽ اوپر جي شاعر علامه محمد اقبال جو اهو شعر سنڌو ماتريءَ کي چڻ ته هڪ پيتا آهي. سچ اهو آهي ته علامه محمد اقبال جي فڪر، سوچ، نظرين ۽ خيالن سنڌ جي ادبي منظرنامي کي گهڻو متاثر ڪيو آهي. سندس فڪر جي لڪل پاسن کي ڳولي لهڻ جي هڪ لاڳيتي عمل ۾ ڪيترين ئي عالمي ٻولين وانگر دنيا جي قديم زبان- سنڌيءَ جو دامن به اقبالياتي اثرن ذريعي ڪشادو ٿيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جو اهو اقبالياتي ادب مدحيه نظمن، مضمونن ۽ مقالن، ڪتابن، سندس شاعريءَ جي سنڌي ترجمن ۽ گڏو گڏ سنڌي ٻولي ۽ ادب تي سندس اسلوب ۽ فڪر جي عام اثرن جي صورت ۾ هڪ مکيه ۽ سگهاري ادبي روايت جو اولڙو پيئي رهيو آهي.

سنڌي شاعري ۽ ادب جي حوالي سان لڳ ڀڳ هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصي کان جاري اقبال شناسيءَ جي ان روايت جو بنيادي پاسو خود علامه اقبال جي فڪر جا گهرا اثر ۽ لازوال شهرت آهي، جنهن سنڌ جي هر مڪتبه فڪر کي پنهنجي ڪلام جي معجزي نمائيءَ سان متاثر ڪيو آهي. تنهن هوندي به ان روايت کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ ۾ سڌي يا اڻ سڌي طرح ٻيون به ڳچ ڳالهيون شامل آهن، جن ۾ سنڌ جي ڪيترين ئي شخصيتن سان علامه اقبال جا تعلقات ۽ رابطا، سنڌي شاعرن ۽ اديبن ۽ علامه اقبال جي ذهني ۽ فڪري هڪجهڙائيءَ کان علاوه ادبي تنظيمن، نشرياتي ادارن، درسگاهن، استادن، شاگردن، شاعرن ۽ اديبن جو اقباليات جي واڌ ويجهه ۾ ڪردار مکيه محرڪ آهن.

علامه اقبال پنهنجين سياسي سرگرمين ۽ روح پرور ڪلام جي ڪري پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي سنڌ ۾ عام مقبوليت ماڻي چڪو هو. 20هين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾ سندس ڪلام جا سنڌي منظوم ترجما عام ٿي چڪا هئا. ننڍي کنڊ ۾ آزاديءَ جي هلچل جي شروعات ٿي چڪي هئي. سنڌ ۾ به قلمڪارن جو هڪ وڏو تعداد ان هلچل جو هڪ فعال حصو بڻجي چڪو هو. نتهنڪري سنڌي شاعرن علامه اقبال کي سنڌ جي ماڻهن سان سونهون ڪرائڻ لاءِ سندس ڪلام کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. ان ڏس ۾ شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جو نالو پهرين نمبر تي اچي ٿو، جنهن 1915ع ۾ ڊاڪٽر محمد اقبال جي ڪلام کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جي شروعات ڪئي. ان ئي سال لاڙڪاڻي ۾ ”بزمِ مشاعره“ جو بنياد رکيو ويو، جنهن پاران ماهوار مشاعرا ۽ ادبي تقريبون ٿينديون هيون. انهن ۾ سڄي سنڌ کان شاعر ۽ اديب شريڪ ٿيندا هئا ۽ سخن جو موضوع هوندو هو: اقبال جو فڪر. سنڌ ۾ علامه اقبال جي فڪر کي عام ڪرڻ ۾ مولانا الله بخش ابڙو جو پڻ ڪردار بيحد واکاڻ جوڳو آهي.

مخدوم غلام احمد نظامي سنڌ جو هاڪارو اديب ۽ شاعر هو، جنهن جي علامه اقبال سان بيحد ويجهڙائي رهي. هن تي علامه اقبال جي شاعري ۽ فلسفي جو گهرو اثر هو، تنهنڪري هن علامه اقبال جي فڪر ۽ نظرين کي سڄيءَ سنڌ ۾ عام ڪرڻ کي پنهنجي زندگيءَ جو بنيادي مقصد بڻائي ڇڏيو هو. هن پاڪستان جي نظرئي، مسلم ليگ جي حڪمتِ عملي ۽ مسلم سوچ جي وحدت جي مڪمل پٺڀرائي ڪندي قومي شاعري ڪئي، تنهنڪري ڊاڪٽر علامه اقبال خوش ٿيندي مرحوم نظاميءَ کي ”سنڌ جو اقبال“ جي خطاب سان نوازيو هو. علامه اقبال کان متاثر ٿي نظاميءَ ”شڪوه جواب شڪوه“ جي طرز تي هڪ ڊگهو نظم ”فرياد جوابِ فرياد“ لکيو هو.

علامه اقبال جي سنڌ سان فڪري ڳانڍاپي جو هڪ سگهارو ۽ شاندار حوالو هڪ هاڪارو فلسفي ۽ ديني عالم علامه علي محمد ڪاڪيپوٽو به هو. پاڻ اوريئينٽل ڪاليج لاهور ۾ اسڪالرشپ تي فيلو مقرر ڪيو ويو هو. ”مفتاح العلوم“ ۾ لکيل آهي ته. ”ڊاڪٽر محمد اقبال زمان ۽ مڪان جي مسئلي جي فلسفياڻي تحقيق لاءِ علامه ڪاڪيپوٽي جي شاگردي قبول ڪئي. ڪاڪيپوٽو صاحب لاڳيتو ٽن مهينن تائين علامه اقبال کي پاڙهڻ لاءِ وٽس اويندو رهيو. آخري ڏينهن تي ڊاڪٽر محمد اقبال، ڪاڪيپوٽي صاحب کي ٻه تعريفي سَندون: هڪ انگريزي ۽ ٻي فارسيءَ ۾، پنهنجي هٿن سان لکي ڏنيون. گڏو گڏ اهو پڻ چيو ته. هڪ سنڌي هجڻ جي ناتي سان توهان سدائين سنڌ جو مانُ ۽ شانُ مٿانهون رکندا.“



سنڌي ٻوليءَ ۾ علامه اقبال جي ڪلام جي ترجمن جي حوالي سان مُکيه ڪم پروفيسر لطف الله بدويءَ ڪيو. هن علامه اقبال جي ڳچ ڪلام کي سنڌي روپ ڏنو. انهن ترجمن جي ڪري سنڌ جي فڪري منظرنامي ۾ هڪ انقلاب اچي ويو. علامه اقبال جي ڪلام کي پڙهڻ کانپوءِ ڪيترن ئي سنڌي شاعرن روايتي شعري لاڙن کان بغاوت ڪئي. اهڙيءَ طرح سنڌي شاعريءَ ۾ علامه اقبال جي خوديءَ جي فلسفي کي وڏي پذيرائي ملڻ لڳي. ان کان سواءِ مزدور ۽ سرمائيدار، مغربي تهذيب، اسلام جي شوڪت ۽ عظمت، اسلامي تاريخ جا واقعا ۽ ترانا سنڌي شاعريءَ جي سونهن بڻيا.

علامه اقبال جي حياتيءَ ۾ ئي جن شاعرن سندس ڪالم کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، تن ۾ محمد صالح پٽي، شيخ عبدالرزاق راز، ڪشنچند بيوس، احسان احمد بدوي، محمد بخش واصف، حافظ محمد احسن چنا ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جا نالا گهڻو پڌرا آهن. شاعرن جي ان ٽولي سنڌي ماڻهن ۾ خودداري، پاڻ سڃاڻڻ ۽ بامقصد زندگي گذارڻ جو جذبو پيدا ڪيو. ان کانسواءِ علامه اقبال جي قومي نظمن جو به سنڌ ۾ ڪافي پرچار ٿيو. ان ئي دور ۾ علامه اقبال جي فڪر جي حوالي سان سنڌ جي ناليواري شاعر ۽ ڏاهي شيخ اياز جون لکڻيون بيحد اهم ۽ سگهاريون آهن.

1931ع ۾ جڏهن مولانا دين محمد وفائيءَ ماهوار ”توحيد“ جاري ڪيو ته ان جي سرورق تي علامه اقبال جو مشهور نظم ”ترانهٔ ملي“ جو هڪ شعر لکيل هوندو هو:

*توحید کی امانت سینوں میں ہے ہمارے،*
*ممکن نہیں مٹانا، نام و نشاں ہمارا۔*

ماهوار توحيد ۾ علامه اقبال جي نظمن ۽ لکڻين جو سنڌي ترجمو ۽ سندس پيشي وراڻين ۽ سياسي سرگرمين جو احوال به وڏي اهتمام سان شايع ٿيندو رهندو هو.

اتر سنڌ جي قديم ۽ تاريخي شهر شڪارپور جي مشهور درسگاهه ”سي ايند ايس گورنمينٽ ڊگري ڪاليج“ علامه اقبال جي فڪر کي سڄيءَ سنڌ ۾ عام ڪرڻ جو هڪ اثرائتو ذريعي هئي. ان جي ڪاليج مئگزين تي اقبال پرستي ڇانيل هوندي هئي. ان مئگزين ۾ علامه اقبال جي خوديءَ جي فلسفي ۽ سندس ڪلام جي مختلف پاسن تي شايع ٿيل مضمون ۽ مقالا سنڌي ٻوليءَ جو هڪ قدر جوڳو علمي سرمايو آهن. اپريل 1938ع تي علامه اقبال جي وفات کانپوءِ ”سي ايند ايس گورنمينٽ ڊگري ڪاليج“ شڪارپور ”اقبال جو ڏهاڙو“ شاناائتي طريقي سان ملهائڻ شروع ڪيو. ان درسگاهه سندس شاعريءَ جا سوين حافظ به پيدا ڪيا. 1939ع کان ”اقبال ڏهاڙو“ ملهائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ٿيو هو، سو اڄ به وڏي سگهه ۽ جوش سان جاري آهي.

سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچيءَ جي مخزن ۾ به علامه اقبال جي باري ۾ يادگار لکڻيون شايع ٿينديون هيون. ان مخزن جو ايڊيٽر اي ڪي بروهي مرحوم هوندو هو. ان ئي دور ۾ روزاني ”الوحيد“ ڪراچيءَ جي هفتيوار اشاعتن ۾ باقاعدگيءَ سان علامه اقبال جي ڪلام جو سنڌي ترجمو شايع ٿڻ لڳو. اهڙي طرح جمعيت الشعراءَ سنڌ جي ماهور رسالي ”اديب سنڌ“ ۾ اقبال تي مضمون ۽ تحقيقي مقالا باقاعدگيءَ سان شايع ٿيندا رهيا. ■ هلندڙ

# ٽرمپ جو هارورڊ يونيورسٽي جي خودمختياري تي حملو: ڪاٻي ڌر جو مرڪز قرار ڏئي فنڊ بند ڪري ڇڏيا

**صدر ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽروٿ سوشل تي لکيو ته،"هارورڊ هاڻ ڪنهن معقول تعليمي اداري طور ڳڻي نٿي وڃي. اها دنيا جي اعليٰ يونيورسٽين ۾ به نٿي ڳڻي وڃي. هارورڊ هڪ مشڪري آهي، جيڪا نفرت ۽ بيوقوفي سيکاري ٿي. هاڻ ان کي وڌيڪ وفاقي فنڊز ملڻ نه گهرجن. يونيورسٽي حڪومت جي ان مطالبي کي رد ڪري ڇڏيو آهي ته داخلائن، ڀرتين ۽ سياسي رجحانن جي معاملي ۾ حڪومتي نگراني قبول ڪري. هارورڊ، ڪولمبيا ۽ اسٽينفورڊ جهڙا تعليمي ادارا کاٻي ڌر جون نرسريون آهن. " هن انهن ادارن تي آمريڪا مخالف نظرين کي ڦهلائڻ، اسرائيل دشمني ۽ ووڪ ازم کي هٿي وٺرائڻ جا الزام آهن.**

الهه بخش راٺوڙ

آمريڪي صدر ٽرمپ پنهنجي ئي ملڪ جي خلاف ڪيترائي سياسي، معاشي ۽ تعليم دشمنيءَ جا محاذ کولي ڇڏيا آهن. سندس تازو حملو آمريڪا جي مجيل يونيورسٽين تي ٿيو آهي، جنهن ۾ جڳ مشهور يونيورسٽي هارورڊ سرفهرست آهي. هارورڊ يونيورسٽيءَ پاران آمريڪي صدر جي ڊڪٽيشن نه مڃڻ تي ان جا 2 ارب 20 ڪروڙ ڊالرن جا فنڊ بند ڪيا ويا. ان جي باوجود يونيورسٽيءَ ٽرمپ اڳيان جهڪڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ٽرمپ سرڪار يونيورسٽيءَ جي انتظاميا کي چيو ته. "جيڪي شاگرد فلسطينين جي حق ۾ مظاهرا ڪن ٿا، انهن کي اداري مان نيڪالي ڏني وڃي ۽ حڪومت انهن جون ويزائون به رد ڪري ڇڏيندي."

1636 ۾ قائم ڪيل هارورڊ يونيورسٽي آمريڪا جي سڀني کان قديم درسگاهن ۾ ڳڻي وڃي ٿي. هن جي فيڪلٽي، شاگردن ۽ تحقيقي ڪم فلسفي، سائنس، قانون، معيشت، پاليسي سازي ۽ طب جهڙن شعبن کي عالمي سطح تي اهميت ڏياري آهي. هارورڊ يونيورسٽي سموري دنيا ۾ تحقيق جي لحاظ کان سڀني يونيورسٽين کان اڳڀري رهي آهي. هن ۾ ڪيترائي اهم تحقيقي مرڪز موجود آهن، جن ۾ هارورڊ ميڊيڪل اسڪول، عالمي پاليسي جو بيلفر سينٽر ۽ هارورڊ سمٿ سونين فلڪيات سينٽروغيرهه ڳڻائي سگهجن ٿا.




هيءَ واحد يونيورسٽي آهي، جتان جي 162 اهم شخصيتن کي نوبيل انعام ملي چڪا آهن، 48 پلٽزر انعام حاصل ڪندڙ ليکڪن جو واسطو به هن ئي يونيورسٽيءَ سان آهي. ڪيترن ئي ماهرن کي ميڊل پڻ ملي چڪا آهن. هن يونيورسٽي تي ٽرمپ الزام مڙهي ٿو ته، "ان جو شمار دنيا جي ڪنهن ساک واري تعليمي اداري ۾ نٿو ٿئي. هيءَ يونيورسٽي کاٻي ڌر جا خيال ڦهلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي رهي آهي."

هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ تنقيدي سوچ، ڇنڊڇاڻ ۽ علمي آزادي جي ڀرپور حوصلا افزائي ڪئي ويندي آهي. بين الرياستي طرز تعليم، سائنس، ادب، سوشالاجي ۽ ٽيڪنالوجي بابت تحقيقي ڪم هن ئي يونيورسٽي ڪيو آهي. هارورڊ جو لبرل آرٽس نصاب شاگردن کي مختلف مضمونن جو تجربو حاصل ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿو.

هارورڊ يونيورسٽي ۾ انڊر گريجوئيٽ، گريجوئيٽ ۽ ڊاڪٽوريٽ ۽ پوسٽ ڊاڪٽريٽ جي شاگردن لاءِ اڻ ڳڻيا تعليمي پروگرامز موجود آهن. يونيورسٽيءَ جي مالي امدادي اسڪيمون مختلف معاشي پسمنظر جي شاگردن کي اعليٰ تعليم جا موقعا فراهم ڪن ٿيون. ان جو المناءِ نيٽ ورڪ نوجوانن جي رهنمائي ۽ ترقيءَ جي لاءِ هڪ مضبوط ذريعو آهي.

هارورڊ جو نصاب ۽ استادن جا نظريا درسي ڪتابن، علمي فريم ورڪس ۽ عالمي تعليمي ماڊلز تي اثرانداز ٿيندا آهن. هي اهوئي ادارو آهي، جنهن مان اڳوڻو آمريڪي صدر براڪ اوباما، شيرل سينڊبرگ ۽ گڏيل قومن جو اڳوڻو سيڪريٽري جنرل بان کي مون پڙهي نڪتا. هن يونيورسٽيءَ ۾ هميشه اهو موقعو فراهم ڪيو ويندو آهي ته نوان ايندڙ شاگرد سينئرز جي سوچ جو تجزيو ڪن ۽ نتيجو ڪڍن ته انهن جو دنيا جي بهتريءَ ۾ ڪيترو هاڪاري ڪردار رهيو.

هن عالمي پائي جي تعليمي اداري کي ٽرمپ مشڪري قرار ڏنو ۽ چيو ته، ڇاڪاڻ ته ان اداري حڪومت جي نگراني قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، انڪري ان جي سموري سرڪاري فنڊنگ بند ڪئي ويندي. صدر ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽروٿ سوشل تي لکيو ته،"هارورڊ هاڻ ڪنهن معقول تعليمي اداري طور ڳڻي نٿي وڃي. اها دنيا جي اعليٰ يونيورسٽين ۾ به نٿي ڳڻي وڃي. هارورڊ هڪ مشڪري آهي، جيڪا نفرت ۽ بيوقوفي سيکاري ٿي. هاڻ ان کي وڌيڪ وفاقي فنڊز ملڻ نه گهرجن. يونيورسٽي حڪومت جي ان مطالبي کي رد ڪري ڇڏيو آهي ته داخلائن، ڀرتين ۽ سياسي رجحانن جي معاملي ۾ حڪومتي نگراني قبول ڪري."

دنيا جي هڪ ٻي اهم، ڪولمبيا يونيورسٽي ٽرمپ اڳيان جهڪي وئي ۽ ان حڪومتي نگرانيءَ کي قبول ڪيو. ان سان گڏ اسرائيل خلاف ۽ فلسطينين جي حق ۾ سڀني کان وڌيڪ مظاهرا انهيءَ يونيورسٽي ۾ ٿيا







هئا، جتان ڪيترن پرڏيهي شاگردن کي ڪڍيو ويو آهي، پر هارورڊ حڪومتي دٻاءَ کي مڪمل طور تي رد ڪري ڇڏيو. يونيورسٽيءَ جي صدر ايلن گاربر چيو ته، "اسان پنهنجي آزادي يا آئيني حقن تي ڪابه سوديبازي نه ڪنداسين." ان سان گڏ ٽرمپ يونيورسٽيءَ لاءِ وفاقي فنڊنگ 2 ارب 20 ڪروڙ ڊالر ڏيڻ روڪي ڇڏيا. اها رقم يونيورسٽيءَ جي طب سميت مختلف پروگرامن جي هئي. ان سان گڏ يونيورسٽيءَ کي ٽيڪسن جي مد ۾ جيڪي رعايتون حاصل هيون، اهي به ختم ڪيون ويون.

گولڊن اسٽيٽ واريئرز جي ڪوچ اسٽيوڪير، هارورڊ جي ٿي شرٽ پائي چيو ته، "ٽرمپ جو اهو هينئر تائين جو سڀ کان بيوقوفي وارو مطالبو آهي. مان تعليمي آزادي تي يقين رکان ٿو. اهو انتهائي اهم آهي ته اسان جا ادارا پنهنجين پاليسين بابت خودمختياريءَ سان عمل ڪري سگهن. حڪومت انهن کي نه ٻڌائي ته اهي ڇا پڙهائين يا ڇا نه پڙهائين."

ٽرمپ جي لکيل خط ۾ ڄاڻايو ويو ته، داخلا جي پاليسي مان نسل يا قوميت جو عنصر ختم ڪيو وڃي. انهن پرڏيهي شاگردن کي داخلا نه ڏني وڃي، جيڪي آمريڪي قدرن يا ادارن جا مخالف آهن. عملي جي ڀرتي ۾ نسل، مذهب، جنس يا قوميت کي سامهون نه رکيو وڃي. شاگردن جي ڪيمپس جي خودمختياري کي گهٽايو وڃي. شاگردن ۽ عملي جي نظرياتي سوچ جو جائزو ورتو وڃي. انهن سمورن پروگرامن کي ختم ڪيو وڃي يا نظرثاني ڪئي وڃي، جيڪي اسرائيل جي مخالفت ۾ هجن. ڪيمپس ۾ سياسي مظاهرن کي هر صورت ۾ روڪيو وڃي." حقيقت هي آهي ته هارورڊ ڪڏهن نسل پرستي ڦهلائڻ واري سوچ کي هٿي نه ڏني آهي،اها پليورل سوچ جي حامي رهي آهي،شاگردن جي سياسي سوچ تي به ڪا پابندي ناهي.

عالمي مبصرن جو خيال آهي ته ٽرمپ انهن تعليمي ادارن جي خودمختياريءَ تي تنقيد ڪري ٿو، جن جا سياسي نظريا سندس خلاف آهن. ٽرمپ ڪيترائي ڀيرا چئي چڪو آهي ته هارورڊ، ڪولمبيا ۽ اسٽينفورڊ جهڙا تعليمي ادارا کاٻي ڌر جون نرسريون آهن. هن انهن ادارن تي آمريڪا مخالف نظرين کي ڦهلائڻ، اسرائيل دشمني ۽ ووڪ ازم کي هٿي وٺرائڻ جا الزام آهن. ووڪ ازم (Wokeism)اهڙو تصور آهي، جيڪو ڪجهه سالن کان سموري دنيا خاص ڪري آمريڪا ۾ گهڻو مشهور ۽ تڪراري بڻيو آهي. ان جون پاڙون سماجي انصاف،انساني حقن ۽ سماجي سجاڳي ۾ ڪتل آهن، پر ان ٽرم تي تنقيد ٿيندي رهي آهي.

"ووڪ" لفظ آفريقي، آمريڪي برادري ۾ استعمال ٿيندو آهي، جنهن جو مقصد آهي،"سماجي ناانصافي، نسل پرستي ۽ ظلم خلاف سجاڳ رهڻ." هاڻ هي فڪري تحريڪ بڻجي وئي آهي. اها به هڪ حقيقت آهي ته هارورڊ يونيورسٽي هميشه کاٻي ڌر جي سوچ کي اڳتي وڌايو آهي. اها لبرل ۽ ترقي پسند رهي آهي. ان هميشه تنگ نظر خيالن کي نظرانداز ڪيو آهي. هڪ سروي مطابق هارورڊ جي استادن ۽ شاگردن جي گهڻائي لبرل ۽ ترقي پسند سوچ رکي ٿي. اهي گهڻو ڪري نسلي برابري، صنفي برابري، ماحولياتي تبديلي ۽ فلسطينين ۽ اسرائيل جي تڪرار ۾ هميشه ترقي پسند سوچ جو مظاهرو ڪيو آهي.

ٽرمپ تي اهو الزام آهن ته هو وائيٽ سپرميسي جو حامي رهيو آهي. صدارتي چونڊ ۾ ڪيس ووٽ به گورن ئي ڏنا. هن جون اڪثر پاليسيون گورا نواز آهن. ڇا اها سوچ آمريڪي آئين ۽ قانون، خاص ڪري جيفرسن جي پهرين ترميم سان مطابقت رکي ٿي؟■

# سنڌي ثقافت ۾ واپاري سوچ جي گُهرج

سنڌين جي ڪروڙن جي آباديءَ واري هن صوبي ۾ سائنسي بنيادن تي لسانيات جي ماهرن جي شديد کوٽ آهي. هڪ ٻن کي ڇڏي ڏسجي ته اهو پڻ تڪليف ڏيندڙ نظارو آهي ته، پوريءَ سنڌ ۾ هاڻي جديد لسانياتي تجزيا ڪندڙ ڪو ورلي ملي ٿو، ۽ جيڪي آهن، سي پڻ پراڻن فارمولن ۽ نظرين تي بيٺل آهن. جيڪي پاڻ اڃا اپڊيٽ ناهن ٿي سگهيا. ٺيڪ ساڳي صورتحال اسان جي ڪلچر يعني ثقافت جي پڻ آهي. سنڌ جي ثقافت واري صوبائي وزير، سيڪريٽري ۽ ثقافت کاتي جي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ سيل جي ريزيڊينٽ ڊائريڪٽر کي گهرجي ته اهي سنڌ جي ثقافت کي بين الاقوامي ڪاروباريت ۾ آڻي دنيا جي مارڪيٽ اندر پلو ناڻو ڪمائي هڪ وڏو ڪاروباري ماحول ناهي سگهن ٿا. ان طرح پنهنجن هنرمندن، فنڪارن ۽ تخليقي پورهيتن کي آسودو ڪري سگهجي ٿو. هن وقت ساڳئي نموني جو ماڊل چين استعمال ڪري رهيو آهي.



امر فياض ٻرڙو

بلڪل ائين جيئن اسان جي وڏن تعليمي ۽ تدريسي ادارن ۾ سنڌي شعبن ۾ ”سنڌي ادب“ ۽ ”سنڌي لسانيات“ جدا جدا شيون نه ٿيون سمجهيون وڃن، جنهن جي ڪري اهو محسوس ڪيو ويو آهي ته ”شاعري يا ڪهاڻي تي مشتمل ادب“ پڙهڻ ۽ شعر و شاعري يا ڪهاڻي لکڻ سولو ڪم آهي، ڇو ته اهو آرٽ سان واسطو رکي ٿو ۽ اسان جي سماج ۾ شعر و شاعري ۽ ڪهاڻي وغير ائين ٿو لڳي. جڻ اسان جي رت ۾ شامل ٿيل آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي شاعري نه به ايندي، تڏهن به ڪيس شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کان ويندي جديد شاعرن جي شاعريءَ جا انيڪ بيت يا شعر ياد هوندا. ان جي ابتڙ لسانيات هڪ ڏکيو ۽ پُرمغز شعبو آهي. ڇو ته لسانيات، آرٽ سان نه پر سائنس سان لاڳاپيل آهي، جنهن ۾ لينگئيج ليبارٽريون ٺهنديون آهن، جتي ٻوليءَ ۾ اُچاريل آوازن جو تجزيو ڪيو ويندو آهي، جتي ٻوليءَ جي لفظن جا بڻ بڻياد ڳوليا ويندا آهن ۽ لهجن تي سائنسي بنيادن تي ڪم ڪيو ويندو آهي. هاڻي انهن شين جي فرق نه سمجهڻ جي ڪري ئي اسان جي سماج ۾ رڳو ادب تي زور آهي.

حالت اها آهي جو سنڌين جي ڪروڙن جي آباديءَ واري هن صوبي ۾ سائنسي بنيادن تي لسانيات جي ماهرن جي شديد کوٽ آهي. هڪ ٻن کي ڇڏي ڏسجي ته اهو پڻ تڪليف ڏيندڙ نظارو آهي ته، پوريءَ سنڌ ۾ هاڻي جديد لسانياتي تجزيا ڪندڙ ڪو ورلي ملي ٿو، ۽ جيڪي آهن، سي پڻ پراڻن فارمولن ۽ نظرين تي بيٺل آهن، جيڪي پاڻ اڃا اپڊيٽ ناهن ٿي سگهيا.

ٺيڪ ساڳي صورتحال اسان جي ڪلچر يعني ثقافت جي پڻ آهي. صفا سولي طرح ثقافت جي



ڪراچي ڪائونسل آن فارين رليشنس پاران پهرين سيپٽمبر 2024ع تي ڪراچي ۾ منعقد ڪيل سنڌي ثقافتي شين جي نمائش ۾ صوبائي وزير سعيد غني موجود.



تصوير اي پي پي جي ٿورن سان



تصوير رفيق وساڻ ۽ ڊان جي ٿورن سان

جيڪڏهن تشريح ڪجي ته، هڪ لفظ ۾ ان جي معنيٰ ”پيداوار“ ٿيندي، يعني جيڪا به شئي يا ڳالهه اسان ٺاهيون ٿا، اها اسان جي ثقافت آهي. ياد رکجو، جيڪا اسان ٺاهيون ٿا، نه وري قدرت يعني فطرت. قدرت جي ثقافت اسان انسان، ٻيا جيت پکي پکڻ، وڻ ٽڻ، جبل، ڌرتي، سج تارن کان ويندي پوري ڪائنات، اها فطرت جي ثقافت آهي. اسان جي ثقافت اها آهي، جيڪا اسان ٺاهيون ٿا. ثقافت جيڪا بنيادي طور ٻن حصن ۾ ورهايل هوندي آهي: هڪ اها جيڪا مادي ثقافت ٿئي، جنهن کي ڇُهي سگهجي ٿو، کڻي سگهجي ٿو ۽ ٻين ملڪن ڏانهن موڪلي ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو، ان کي سماجي علمن ۾ مادي ثقافت (tangible culture)سڏجي ٿو. ثقافت جو ٻيو روپ اهڙو هوندو آهي، جيڪو اسان جي عادتن کان ويندي روين، ريتن رسمن، ناچ گانن شعر و شاعري ۽ ادب وغير سان ٿيندو آهي. فنڪار، اديب، سگهڙ ۽ ساز وڄائڻ وارا، اهي سڀ ثقافت جي هِن زمري ۾ ايندا آهن، جنهن کي غير مادي ثقافت (intangible culture)سڏبو آهي.

پاڻ جيئن مٿي لکيو ته ثقافت معنيٰ پيداوار، ته صاف ڳالهه آهي ته هن دور ۾ اهي ئي ثقافتون بچنديون، جن جو ڪارج هوندو ۽ جن جو ڪارج نه هوندو، اهي ختم ٿينديون وينديون. پلي اسان اڄن ٿيون ۽ واپسيءَ ۾ وڏو سرمايو چين حاصل ڪندو وڃي ٿو. ان حساب سان هاڻي جيڪا مادي ثقافت پوري دنيا تي راڄ ڪري رهي آهي، اها چين ملڪ جي ثقافت آهي (پلي ان ۾ رنگ اسان جي مقامي پسندن جو پريل ڇونه هجي).

پر جيئن پاڻ مٿي مثال ڏنوسين ته اسان جي يونيورسٽين ۾ سنڌي شعبن جو مقصد سنڌي ادب ئي ورتو وڃي ٿو، جنهن ۾ لسانيات کي گهٽو ڪري نظرانداز ڪيو وڃي ٿو يا لسانيات کي پڻ ادبي جي اک سان پڙهايو وڃي ٿو، ٺيڪ ساڳئي نموني سان اسان وٽ ثقافت کي به راڳ روپ، شعر و شاعري، ناچ وغيره کي ئي سمجهيو وڃي ٿو. اهي به ثقافت جو مظهر ته آهن، پر اهي هڪ ثقافت جي گهڻ پاسائين روپن جو هڪ قسم يعني غير مادي ثقافت جي ڪيٽيگري ۾ اچن ٿيون. اها هڪ انتهائي هڪ طرفي سطح آهي، جنهن جي ڪري اسان جي مجموعي سوچ محدود ٿيندي پئي وڃي. سچ ته هاڻي اسان ثقافت جي هڪ غير مادي روپ ۾ ڦاٿا پيا آهيون، جيڪو وسيع بنيادن تي اسان جي قوم کي مجموعي طور پيداواري ناهي ڪري سگهيو. رهندو کهندو اسان ثقافت جي نرگسيت ۾ ڦاسي ويا آهيون. حد اها آهي ته اسان وٽ پڙهيل لکيل گهڻن ئي ماڻهن وٽ ”تخليق“ جو مطلب ئي شعر شاعري يا ڪهاڻي وغير

سئو سيڪڙو ان ڳالهه کان انڪار ڪريون، پر اها هڪ تلخ حقيقت آهي ته هن دنيا ۾ هاڻي پوري ڌرتيءَ تي وافر مقدار ۾ جن قومن جي ثقافت اُسرندي ۽ ڦهلجندي رهي آهي، اهي مغربي ۽ چيني ثقافتون آهن. جيئن، اسان جي گهرن ۾ پکن کان ويندي ڀتين تي لڳل نمائشي تصويرن ۽ ڊيڪوريشن ۾ استعمال ٿيندڙ لائيٽن جي، اهي سڀ جو سڀ چين مان ٺهي هتي رهيو آهي.

هڪ ٻي به غير سائنسي ۽ چسي جذباتيت تي ٻڌل حقيقت نظر ايندي آهي، جڏهن اسان ڏسندا آهيون ته اسان جي اجرڪ جي ڊزائين کي جيڪڏهن ڪنهن ڪمپنيءَ اندروني ڊريسن ۾ استعمال ڪيو آهي ته اسان فوري طور جذباتي ٿي نعرا هڻڻ شروع ڪندا آهيون ته، اسان جي سنڌي ثقافت جي اهڃاڻ ”اجرڪ“ جي بيحرمتي ٿي آهي، ان ڪمپنيءَ کي فوري طور تي بند ڪريو، اها معافي وٺي وغير. جڏهن ته حقيقي اک سان ڏسجي ته اها روش انتهائي چسي ۽ غير سائنسي آهي. هجڻ ائين گهرجي ته ان اجرڪ کي نيشنل سطح تي ئي ڇو، انٽرنيشنل سطح تي مارڪيٽ ڪرڻ گهرجي ته جيئن ان جي ڪري اسان جي سنڌ ۾ اجرڪ ٺاهيندڙ ڪاريگرن کي معاشي طور مستحڪم ڪرڻ جو هڪ وسيلو پيدا ٿي ملي. اجرڪ دنيا جي منڊين ۾ اچي هڪ نالو ڪمائي سگهي ٿو ۽ جهجهو ناڻو ملڪ اندر آڻي سگهي ٿو، ) ڇڙو اجرڪ ئي ڇو؟ اسان جي سنڌو سڀيتا جي هزارين سالن کان پورهيو ڪندڙ ڪاريگرن، جن ۾ مرد به شامل آهن ته مايون به، جن جون دستڪاريون: رليون، سگهيون، ڀرت جا قسم، آرگانڪ رنگ، جن ۾ سنڌي نير، جيڪو پوري دنيا ۾ انڊيگو سڏائي ٿو (چٽائي ڏسو ته اهو لفظ انڊيگو پڻ اصل ۾ اِنڊ جو يعني سنڌ جو ئي رنگ ئي آهي)، اهو ڪپڙن تي رڱائي پوري دنيا جي مارڪيٽ ۾ سنڌي ثقافت هڪ برانڊ طور اڀري سگهي ٿي، جنهن جي مستقل مزاجي سان هلائڻ جي ڪري سنڌ ۾ هڪ واپاري ڪلاس پيدا ٿي سگهي ٿو.

پر وڏو سوال اهو آهي ته هن ڪم جي شروعات ڪير ڪري؟ مان سمجهان ٿو ته سنڌ جي ثقافت واري صوبائي وزير صاحب، جيڪو پڻ ثقافت سان گهڻو پيار ڪندڙ آهي، ان کي منٿ ڪجي ٿي ته هي وقت آهي ڪيس پنهنجي سيڪريٽريءَ جي شڪل ۾ هڪ آدرشي انسان مليو آهي. ساڳي طرح ثقافت کاتي ۾ پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ سيل جو ريزيڊينٽ ڊائريڪٽر، جيڪو پڻ هڪ اڻٿڪ انسان آهي، اهي سڀ گڏجي سنڌ جي ثقافت، جيڪا مادي شڪل ۾ آهي، ان کي بين الاقوامي ڪاروباريت ۾ آڻي دنيا جي مارڪيٽ اندر پلو ناڻو ڪمائي هڪ وڏو ڪاروباري ماحول ناهي سگهن ٿا. ان طرح پنهنجن هنرمندن، فنڪارن ۽ تخليقي پورهيتن کي آسودو ڪري سگهجي ٿو. هن وقت ساڳئي نموني جو ماڊل چين استعمال ڪري رهيو آهي.

تنهن ڪري جيڪڏهن اسان هن وقت اهو نه ڪري سگهياسين ته پڪ ڄاڻو اسان جا هنرمند، اسان جا فنڪار، اسان جي ثقافت جا خالق بيمار ٿيندي اسپتالن ۾ سرڪاري سهائتا هيٺ علاج معالجي لاءِ پنهنجون انائون ۽ تخليقي قدر ختم ڪندا رهندا. ڇو ته هر اها ثقافت يا ثقافتي علامت جيڪڏهن بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ نالو ۽ ناڻو نه ٿي ڪمائي، پڪ سمجهو اها ان لاش مثل ٿيندي آهي، جيڪو اوهان پنهنجي ڪلهن تي کڻيون گهمندا ٿا وتو، جنهن جي ڪري اوهان ڪڏهن به ترقي نه ڪري سگهندئو. ■

سياڻي 21 اپريل تي "تخليق ۽ جدت جو عالمي ڏينهن" آهي

World Creativity and Innovation Day

# تخليق ۽ جدت ڇو ضروري آهي؟

عالمي تخليق ۽ جدت جي هن ڏينهن تي دنيا کي دعوت ڏني وئي آهي ته اوهان اهو خيال اختيار ڪريو ته جدت قومن جي معاشي صلاحيت کي استعمال ڪرڻ لاءِ ضروري آهي. جدت ۽ تخليق وڏي پيماني تي ڪاروباري ترقي ۽ جٽادار ترقيءَ جا اهداف حاصل ڪرڻ لاءِ نئين رفتار فراهم ڪري سگهي ٿي. اها معاشي ترقي ۽ پورهيي جي تخليق کي استعمال ڪري سگهي ٿي، جڏهن ته نارين ۽ نوجوانن سميت هر ڪنهن لاءِ ترقيءَ جا موقعا پڻ وڌائي سگهي ٿي. اها غربت ۽ بک جي خاتمي سان گڏ صنفي ۽ طبقاتي عدم مساوات جهڙن اهم مسئلن جو حل پڻ فراهم ڪري سگهي ٿي.



عبدالرحمٰن پيرزادو

گڏيل قومن طرفان هر سال 21 اپريل تي "تخليق ۽ جدت جو عالمي ڏينهن" ملهايو ويندو آهي، جنهن جو بنيادي مقصد دنيا کي درپيش مسئلا حل ڪرڻ ۾ تخليقيت ۽ جدت لاءِ جاڳ جوڙڻ آهي. تخليق ۽ جدت جي سن2025ع جي هن عالمي ڏينهن جو سڏ آهي "قدم وڌايو.جدت اپنايو."

ڏنو وڃي ته تخليقيت هجي يا جدت، ٻنهي جي ڪا عالمگير سمجهه جهڙي وصف جهڙوڪر طئي نه ٿي سگهي آهي. اهي ٻئي تصور فنڪاراڻي اظهار کان ويندي فطري، سائنسي وايومنڊل، معاشي، سماجي ۽ جٽادار ترقيءَ جي حوالي سان پيدا ٿيندڙ لقائن جي تشريح کان ويندي، حل تائين سمجهڻ لاءِ ميسر آهن. تنهن ڪري گڏيل قومن 21 اپريل کي عالمي تخليقيت ۽ جدت واري ڏينهن طور تجويز ڪيو ته جيئن ماڻهن کان ويندي ڪائنات جي هر هڪ جُزَ نه رڳو ترقي پر انهن جي جياپي کان ساڳاهڻ تائين جي سيني پهلوئن ۾ تخليق ۽ جدت جي اهميت بابت شعور اجاگر ڪري سگهجي. جدت جو سماجن ۾ آڌر وري هڪ الڳ ڪهاڻي آهي ۽ تخليق به ڏسجي ته توليدي تخليق کان ويندي ڪنهن لنگهي، ڊڪڻ جو دهل تخليق ڪرڻ تائين جن طبقاتي لاهن چاڙهن ۽ وروڪڙن ۾ ڳنڍيل آهي، اهو به ڪو لڪل لڪاءُ ڪونهي.

تخليق اسان کي اهو ڏيکاري ٿي ته اسان ڪير آهيون ۽ اسان ڪهڙين شين جو قدر ڪريون ٿا. تخليقون مختلف ثقافتن جو هڪ شاهوڪار ڪهڪشان ناهڻ ۾ مدد ڪن ٿيون ۽ سماجي توڙي اقتصادي ترقي جي ڏس ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪن ٿيون.

تخليقي معيشت جيڪا اسان جهڙن اسرندڙ سماجن لاءِ جهڙوڪر ڪو چرچو هجي، پر هونءَ به ان جي ڪا هڪ وصف ناهي. اها دنيا ۾ پڻ هڪ اهڙو ارتقا پذير تصور آهي، جيڪو ماڻهن جي تخليقيت، خيالن ۽ دانشوراڻي ملڪيت، علم ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ رابطي تي آڌاريل آهي. بنيادي طور تي اهي علم تي ٻڌل معاشي سرگرميون آهن، جن تي "تخليقي صنعتون" ٻڌل آهن، جيئن اولهه جي صنعتي دنيا ۾ ڪالم لکڻ ته پراڻو پيشو آهي، پر جديد دور ۾ بلاگ لکڻ پڻ هڪ روزگار آهي، جيڪو اسان وٽ رڳو پاڻ کي صنف مجرائڻ ۾ آڌرت آهي.

تخليقي صنعتون، جن ۾ آڊيو ويزوئل پراڊڪٽس، ڊيزائن، نوان نوان طريقا، پرفارمنگ آرٽس، جهمر، رقص، موسيقي، اشاعتي ۽ بصري آرٽس شامل آهن، اهي پورهيو ڪرڻ، آمدني پيدا ڪرڻ، نوڪرين جي تخليق ۽ برآمدي آمدني جي لحاظ کان عالمي معيشت جو هڪ انتهائي تيزيءَ سان اسرندڙ ۽ تبديل ٿيندڙ شعبو آهن. ثقافت جٽادار ترقيءَ جو هڪ ضروري جزو پڻ آهي ۽ فرد ۽ سماج لاءِ سڃاڻپ، جدت ۽ تخليقيت جو نه رڳو ذريعو آهي، پر گڏيل قومون هجن يا عالمي سڃاڻپ، اتي سندن نمائندگي پڻ ڪري ٿي. ساڳئي وقت تخليقيت ۽ ثقافت ۾ هڪ اهم غير مالي قدر به آهي، جيڪو سماجي ترقي، ماڻهن ۾ ڳالهه ٻولهه ۽ سمجهه ۾ حصو وندرائيندو آهي. اڄ جي دور ۾ تخليقي صنعتون عالمي معيشت ۾ سڀ کان وڌيڪ متحرڪ علائقن مان آهن، جيڪي ترقي پذير ملڪن کي عالمي معيشت جي اڀرندڙ اعليٰ ترقي وارن شعبن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ نوان موقعا فراهم ڪن ٿيون. سوشل ميڊيا ان جو هڪ وڏو سگهارو مثال آهي.

عالمي تخليق ۽ جدت جي هن ڏينهن تي دنيا کي دعوت ڏني وئي آهي ته اوهان اهو خيال اختيار ڪريو ته جدت قومن جي معاشي صلاحيت کي استعمال ڪرڻ لاءِ ضروري آهي. جدت ۽ تخليق وڏي پيماني تي ڪاروباري ترقي جٽادار ترقيءَ جا اهداف حاصل ڪرڻ لاءِ نئين رفتار فراهم ڪري سگهي ٿي. اها معاشي ترقي ۽ پورهيي جي تخليق کي استعمال ڪري سگهي ٿي، جڏهن ته نارين ۽ نوجوانن سميت هر ڪنهن لاءِ ترقيءَ جا موقعا پڻ وڌائي سگهي ٿي. اها غربت ۽ بک جي خاتمي سان گڏ صنفي ۽ طبقاتي عدم مساوات جهڙن اهم مسئلن جو حل پڻ فراهم ڪري سگهي ٿي. تخليقيت ۽ جدت، انفرادي ۽ گروهي سطحن تي، ايڪويهين صديءَ ۾ قومن جي حقيقي دولت بڻجي چڪي آهي.

ثقافت ۽ تخليق؛ عالمي مجموعي مقامي پيداوار (جي ڊي پي) جو 3.1 سيڪڙو ۽ سيني روزگار جو 6.2 سيڪڙو آهي. ثقافتي شين ۽ خدمتن جي برآمدات 2005ع کان ٻيڻي ٿي 2019ع ۾ 389.2 ارب آمريڪي ڊالر تائين پهچي وئي. دنيا ۾ سڀ کان ننڍي ۽ تيز ترين وڌندڙ معاشي شعبن مان هڪ هجڻ کان علاوه، نيون ۽ روايتي رنڊڪون تخليقي معيشت کي سڀ کان وڌيڪ ڪمزور شعبن مان هڪ بڻائين ٿيون، جيڪو اڪثر ڪري سرڪاري ۽ نجي سيڙپڪاريءَ پاران نظرانداز ڪيو ويندو آهي. سن2022ع جي يونيسڪو جي رپورٽ تخليق لاءِ پاليسين کي ٻيهر شڪل ڏيڻ _ ثقافت کي عالمي عوامي ڀلائي جي طور تي مخاطب ٿيندي عالمي سطح تي اڀرندڙ نون رجحانن تي انگن اکرن ۽ شاهدين سان روشني وڌي، انهيءَ سان گڏ تخليقي ماحولياتي نظام کي فروغ ڏيڻ لاءِ پاليسي سفارشون پڻ پيش ڪيون، جيئن سن2030ع ۽ ان کانپوءِ هڪ جٽادار دنيا قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو حصو ڳٽائي سگهجي.

هن انوکي عالمي ڏڻ جو بنياد رکندڙ ڪينيڊا جي شهر ٽورنٽو ڄائي مارسي سيگل سن1977ع ۾ بفيلو، نيويارڪ منتقل ٿي وئي، جيئن بفيلو جي اسٽيٽ يونيورسٽي آف نيو يارڪ ڪاليج ۾ انٽرنيشنل سينٽر فار اسٽڊيز ان ڪريٽيويٽي (ICSC)۾ تخليق جو مطالعو ڪري. هن ڀرين ڪريئيٽيو ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران منعقد ڪيل ڪريئيٽيو پرابلم سولونگ انسٽيٽيوٽ (CPSI)۾ تخليقي سوچ کي فعال ڪرڻ ۽ فروغ ڏيڻ لاءِ منظم طريقا سکيا ۽ مشق ڪيا، جتان موٽي هن ڪينيڊا جي سول سروس ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

مارسي سيگل جو سن2001ع ۾ شروع ڪيل تحرڪ سن2017ع ۾ گڏيل قومن جي تحريڪ ۾ تبديل ٿيو، جيڪو سن 2018ع کان ملهايو ويندو آهي. ان ڏينهن تي توهان ڪيترين ئي دلچسپ ۽ منفرد سرگرميون ڪري سگهو ٿا. هتي صرف ڪجهه مثال آهن، جيڪي اوهان سان ونڊجن ٿا:

اهو ڪجهه ڪيو، جيڪو توهان اڳ ڪڏهن به نه ڪيو هجي. ڪا نئين آرٽ گيلري، ميوزيم، يا لائبرري گهمڻ هليا وڃو. ڪا نئين راند کيڏڻ جي ڪوشش ڪريو يا ڪا نئين وڊيو گيم ئي کيڏو. تخليق کي جلا بخشڻ ۽ نوان خيال پيدا ڪرڻ جو آسان طريقو اهو آهي ته ماڻهو پاڻ کي ڪنهن نئين شيءِ سان روشناس ڪرائي.

سنگت سان گڏجي ڪنهن ڪتاب يا فلم تي ويهڪ يا تقريب جو بندوبست ڪريو.

دوستن، ڪٽنب، يا سنگت سان گڏجي ڪا نئين فلم ڏسو، ڪو ڪتاب پڙهو ۽ ان بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيو. اهو پاڻ کي مختلف راين ۽ ٻين جي منفرد تخليقي خيالن جي سامهون آڻڻ جو هڪ بهترين طريقو آهي.

فطرتي دنيا ۾ پاڻ کي گم ڪرڻ لاءِ هڪڙو ڏينهن ڪڍو. گرمي به آهي، پر ڪٿي ڇانوري واري جاءِ تي، جتي پاڻي به ميسر هجي، وڃي حياتيءَ جي روزاني جي افراتفريءَ کان هٽي، ساهي پٽي، سعيو ڪري ڪٿي ڪو پل پنهنجو ڪيو ۽ ان پل جو مزو وٺو.

ڪنهن ٻيلي ۾ گهمڻ لاءِ وڃو، ڪنهن مشهور يادگار جو پيرو پريو يا پنهنجي اردگرد فطرت جي شاهڪارن ڏانهن ڌيان ڏيو.

جدت جي آڌر يا پذيرائيءَ جو خاڪو سن 1962 آمريڪي سوشيالاجسٽ اوريٽ مچل راجرس طرفان پيش ڪيو ويو هيو. راجرس جي اها ٿيوري سماجي سائنس جي اوائلي خيالن مان هڪ آهي. اهو خيال رابطي جي تصور مان اڀريو . جنهن مطابق ڪا نئين ايجاد، وک يا راءِ ڪيئن سماجن ۾ وقت گذرڻ سان مڃتا ماڻي ڪيئن سماج جي معمول جو حصو بڻجي ٿي. ان سڄي عمل جو انت ايئن ٿئي ٿو جو ڪو وک، ڪا راءِ، ڪو خيال، ڪو رويو سماج جي جهڙوڪر ريتن رسمن جو جز ٿي وڃي ٿو. اختيار ڪرڻ يا پنهنجائڻ جي انهي عمل ۾ فرد ڪو وک، ڪا راءِ، ڪا ريت ايئن اختيار ڪري ٿو جو اها سندس زندگيءَ جو حصو ٿيو وڃي. اهو تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن فرد ڪنهن وک يا راءِ کي نئين دريافت سمجهي، ان تي ڌيان ڏئي ۽ پوءِ ان کي اختيار ڪري. ڪنهن به نواڻ کي سماج ۾ يڪسان پذيرائي نه ملندي آهي، ڇو ته ڪجهه ماڻهو نواڻ کي جلدي اختيار ڪندا آهن، ته ڪن کي ان ساڳئي کي پنهجائڻ ۾ وقت لڳندو آهي. تحقيق ثابت ڪيو آهي ته جيڪي فرد نواڻ کي جلدي تسليم ڪري اختيار ڪندا آهن، انهن جون خاصيتون دير سان پنهنجو ڪندڙن کان بلڪل مختلف هونديون آهن، انڪري جڏهن به ڪو نئون وک، خيال يا ترڪيب متعارف ڪرائجي ته سماج ۾ موجود فردن جي خاصيتن ۽ سماج جي جوڙجڪ کي سامهون رکڻ گهرجي.

نواڻ کي پنهنجائڻ وارن جا سماج ۾ پنج پرت ٿيندا آهن ۽ اڪثريت انهن پرتن جي وچ واري حصي ۾ هوندي آهي.

**1 :جدت پسند _ ڪوجي:** هي اهي فرد هوندا آهن، جن جو مزاج ڪوجنا ڪرڻ وارو هوندو آهي. اهي فرد نئين خيال، وک يا راءِ کي پنهجو ڪرڻ ۾ دير ناهن ڪندا. انهن کي قائل ناهي ڪرڻو پوندو. اهي جهڙوڪر پاڻ نواڻ کي ڳولهي اختيار ڪندا آهن.

**2 : جلدي اختيار ڪندڙ :** هي اهي فرد هوندا آهن، جيڪي سماج ۾ اڳوائيءَ جو ڪردار ادا ڪندا آهن، جن جي راءِ کي سماج ۾ وقعت ڏني ويندي آهي. هي سڃاڻ فرد ٿورو قائل ڪرڻ سان نواڻ جا فائدا ۽ سماجي ڪارج سمهجي، ان کي اپنائڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن.

**3 : ڏاڪي تي بيٺل اڪثريت:** هي فرد ڪا ورلي اڳواڻي ڪرڻ جهڙا هوندا آهن، پر اهي هر نئين ايجاد جو ڪنهن عام فرد کان اڳ ۾ آڌر ڪندا آهن. انهن کي قائل ڪرڻ لاءِ ايترو ڪافي هوندو آهي ته نئين شئي ڪم جي آهي ۽ ان جا فائدا آهن.




نيوز 18 تان ورتل

**4 : ٿڙڪيل اڪثريت:** اهي فرد جهڙوڪر هر نئين خيال، وک ۽ راءِ کان ڇرڪيل هوندا آهن. اهي صرف تڏهن ان کي اختيار ڪندا آهن، جڏهن اڪين سان پنهنجي اردگرد ان جو فائدو يا لاڀ حاصل ڪندڙن کي ڏسندا آهن. انهن کي قائل ڪرڻ لاءِ سندن ويجهڙائپ جا مثال گهربل هوندا آهن.

**5: سست:** هي فرد جهڙوڪر روايتن جا پاڻ هرتو امين هوندا آهن ۽ هر نئين وک، خيال يا راءِ کي پنهنجي ثقافت، روايت، ۽ ڪاروهنوار جو دشمن سمجهندا آهن. اهڙن فردن کي انگن، اکرن سان نواڻ نه اختيار ڪرڻ جي نقصانن، بندشن ۽ سماجي زوربار سان جدت کي اختيار ڪرڻ وارن ۾ شامل ڪري سگهبو آهي.

ڪنهن به جدت کي سماج ۾ جاءِ ٺاهڻ لاءِ ان متعلق موجود معلومات، ڄاڻ، سماجي مڃتا، مخالفت يا رد، استعمال ۽ اختيار ڪرڻ جو فيصلو انتهائي اهم هوندو آهي. ڪنهن به جدت جي مڃتا ۾ وري پنج سبب انتهائي اهم ڪردار ادا ڪندا آهن:

جدت اختيار ڪرڻ سان فرد يا سماج کي فائدو ڪهڙو ٿيندو.

نئين شئي مروج طور طريقن، ريتن، رسمن ۽ عادتن جي ڪيترو ويجهو آهي ۽ انهن سان ڪنهن ظاهري تضاد ۾ ته ڪونهي.

نئين ايجاد استعمال ڪرڻ يا اختيار ڪرڻ ۾ ڪيتري ڏکي يا منفرد آهي.

نئين يا جديد شئي، وک، سوچ، راءِ، خيال کي ڪيترو آزمايو ويو آهي يا آزمائي سگهجي ٿو.

جدت جا ظاهر ظهور فائدا ڪهڙا آهن.

هن جدت جي آڌر واري خيال جون پنهنجون بندشون به آهن ۽ ان کي هر قسم جي جدت تي شايد لاڳو به نٿو ڪري سگهجي پوءِ به عوامي صحت جي مختلف جدتن جهڙوڪر بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳرائڻ کان ويندي ڪنهن سنديافته صحت ڪارڪن مدوائيف کان ويم ڪرائڻ متعلق خدمتون استعمال ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي ترغيب ڏيڻ ۾ هن خيال کي ڪافي بهتر انداز ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. پبلڪ هيلٿ جي ڪنهن بهجدت کي لوڪ پسند بنائڻ لاءِ واپرائيندڙن سميت سماج جي مختلف پرتن کي بهتر نموني مخاطب ٿيڻ بيحد ضروري آهي. ساڳئي ريت مروج روايتن جهڙوڪ زنانو طوهر، ماهواريءَ سان لاڳاپيل سماجي رويا ۽ ننڍي عمر جي شادي يا کاڌخوراڪ جي روئين کي پڻ هن جدت جي آڌر واري خيال کي سامهون رکندي بهتر نموني ڪامياب ڪرائي سگهجي ٿو.

ياد رهي ته جدتون رڳو سائنسي ايجادون ڪونهن. هڪ جوڙي طرفان پيدا ٿيندڙ ٻارن جو تعداد، ويم جو هنڌ، ٻن ٻارن جي ڄم ۾ مناسب وٿي، پيئڻ جو صاف پاڻي، گندي پاڻيءَ جو مناسب نيڪال يا جهنگلي سڏجندڙ ميوا کائڻ ڏانهن انفرادي ۽ سماجي رويا پڻ جدت جي آڌر جي زمري ۾ اچن ٿا.

تنهن ڪري اچو ته تخليقن ۽ جدتن جو آڌر ڪريون ۽ دنيا کي پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ بهتر شڪل ۾ بچائڻ جي گڏجي ڪوشش ڪريون. ■

# ڪيوبا جي پهرين انقلابي عورت ۽ رائول ڪاسترو جي جيون ساٿياڻي



ذاڪر لغاري

ڪيوبا نہ صرف سِگار پيدا ڪندڙ ملڪ واري سڃاڻپ رکي ٿو، پر اهو سمورو خطو، جنهن کي لاطيني آمريڪا چون، سياسي ۽ انقلابي جدوجهدن ۽ انقلابي اڳواڻن سبب هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. لڳ ڀڳ ساڍن ڇهن ڏهاڪن کان دنيا جي يونيورسٽين جا شاگرد، ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون چي گويرا جي تصوير واري ٽي شرٽ هڪ بين الاقوامي فيشن طور پائيندا آيا آهن. فيدل ڪاسترو، چي گويرا ۽ رائول ڪاسترو جي اڳواڻيءَ ۾ آمريڪي استعماريت کي ڪيوبا ۾ مليل شڪست دنيا ۾ هڪ وڏو اتساهہ جو سبب بڻي. ڪيوبا جي ان جدوجهد ۾ انقلابي مردن سان گڏ انقلابي عورتن پڻ وڏو ڪردار ڪيو، جن ۾ ولما ايپسين، سانتاماريا ۽ سيليا سانچيز سرفهرست آهن. هي عورتون سڌي طرح ويڙهه ۾ شامل رهيون. پر ڪيوبا جي انهن سڀني انقلابي عورتن مان ايسپين (Vilma Espin)جي هڪ الڳ تعريف ۽ سڃاڻپ آهي.





ولما، رائول ۽ چي گويرا

هن جو پورو نالو ولما لوسيلا ايسپين گيلوئس آهي، جنهن 7 اپريل 1930 ع تي سينتياگوڊي، ڪيوبا جي هڪ امير خاندان ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ وڪيل هئڻ سان گڏ هڪ ڪمپني جو پڻ مالڪ هو. اهو سمورو خاندان مڃي مڃي ماني يعني اميراڻي گهراڻي سان تعلق رکندڙ هو. ان خاندان ۾ ولما ايسپين جي پرورش معياري انداز توڙي لاڏ ڪوڏ مان ٿي. هيءَ ڪيوبا جي پهرين ڇوڪري هئي، جنهن اورينٽ يونيورسٽي مان ڪيمسٽري جي تعليم مڪمل ڪري ڪيميڪل انجنيئر هئڻ جو اعزاز پنهنجي نانءُ ڪيو هو.

**ايسپين ڪيوبا جي انقلابي ويڙهه دوران فيدل ڪاسترو جي ڀاءُ رائول ڪاسترو کي دل ڏئي ويٺي. بعد ۾ ڪيوبا ۾ انقلاب اچڻ بعد هن انقلابي جوڙي هوانا ۾ لانئون لڌيون. ڪين چئن ٻارن جو اولاد ٿيو. ايسپين جوانيءَ ۾ ڪافي خوبصورت بہ هئي. ڪيوبا ۾ انقلاب اچڻ ڪانپوءِ فيدل ڪاسترو مٿس وڏيون ذميواريون رکيون، جن ۾ عورتن جي ترقي ۽ بهتري پڻ شامل هئي. ايسپين ڪيوبا وومين فيڊريشن (FMC)قائم ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو هو، جنهن جو مقصد عورتن جي حقن ۽ برابري کي فروغ ڏيڻ هو.**

ايسپين، يونيورسٽيءَ وارن ڏينهن کان ئي سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو هو، ۽ آخرڪار ڪيوبا جي انقلابي تحريڪ جو حصو بڻجي ويئي. هن هڪ ڳجهو نيٽ ورڪ جوڙيو، جنهن ۾ جاسوس بڻجي ڪيوبا جي تاريخ ۾ 26 جولاءِ 1953 ع واري پرخطر مهم جوئي ۾، پنهنجي ساٿين کي اهم ڄاڻ پهچائي، مرڪزي ڪردار ادا ڪيو هو. 26 جولاءِ واري تحريڪ آمريڪي پٺو بتستيا جي حڪومت خلاف هڪ وسيع ويڙهه کي جنم ڏنو هو. اهو حملو جيتوڻيڪ ناڪام ويو هو، پر ان واقعي فيدرل ڪاسترو کي پڻ هڪ وڏو اڳواڻ ثابت ڪيو. ان دوران فيدل ڪاسترو ڪيوبا جي مستقبل لاءِ پنهنجي نظريي جو هڪ خاڪو پيش ڪيو، جيڪو هِنن نقطن تي ٻڌل هو: زمين جي ٻيهر ورڇ، هارين کي زمين ڏيڻ، عوامي خدمتن ۽ صنعتن تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ، تعليمي سڌارا، تعليم تائين عوام جي رسائي کي بهتر بڻائڻ ۽ آزاد ۽ منصفاڻين چونڊن کي يقيني بڻائڻ. ان تحريڪ ۾ فيدل ڪاسترو، چي گويرا، رائول ڪاسترو (فيدل ڪاسترو جو ننڍو ڀاءُ) ۽ شهري اتحاد جو اڳواڻ فرينڪ پيس سميت ڪيترائي اڳواڻ شامل هئا. 26 جولاءِ جي واقعي کان پوءِ ڪيوبا جي انقلاب جا ملڪي ۽ عالمي سطح تي وڏا اثر پيا، جنهن ۾ آمريڪا سان ڇڪتاڻ وارا لاڳاپا بہ شامل هئا.

ڪيوبا جي تاريخ ۾ 26 جولاءِ 1953 ع وارو واقعو ڊڪٽيٽر فلگينسيو بتستا جي حڪومت خلاف ڪيوبا جي سوشلسٽ انقلاب جو بنياد بڻيو، جنهن اڳتي هلي پهرين جنوري 1959 تي بتيستا کي ڪيوبا مان ڀڄڻ تي مجبور ڪيو.

ايسپين ڪيوبا جي سخت پهاڙن تي ڊڪٽيٽرشپ ويڙهہ دوران فيدل ڪاسترو جي ڀاءُ رائول ڪاسترو کي دل ڏئي ويٺي. بعد ۾ ڪيوبا ۾ انقلاب اچڻ بعد هن انقلابي جوڙي هوانا ۾ لانئون لڌيون. ڪين چئن ٻارن جو اولاد ٿيو.

ايسپين جوانيءَ ۾ ڪافي خوبصورت بہ هئي. هڪ برطانوي سفارتي رپورٽ ۾ ايسپين کي ”انتهائي خوبصورت ۽ پرڪشش عورت“ جي طور تي بيان ڪيو ويو هو. هيءَ نہ صرف پنهنجي هار سينگار تي ڌيان ڏيندي هئي، پر پنهنجيورديءَ کي بہ جاذب نظر رکڻ تي ڌيان ڏيندي هئي.

ڪيوبا ۾ انقلاب اچڻ ڪانپوءِ فيدل ڪاسترو مٿس وڏيون ذميواريون رکيون، جن ۾ عورتن جي ترقي ۽ بهتري پڻ شامل هئي. ايسپين ڪيوبا وومين فيڊريشن (FMC)قائم ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو هو، جنهن جو مقصد عورتن جي حقن ۽ برابري کي فروغ ڏيڻ هو. عورتن ۾ سياسي ۽ سماجي شعور پيدا ڪرڻ بابت سندس چوڻ هئو تہ، ”اسين ڪيوبا جون عورتون آباديءَ جو لڳ ڀڳ اڌ آهيون. اسين پورهيتي سگهہ ۽ هنر رکندڙن ۾ هڪ وڏو تعداد آهيون، جن جي مدد سان ملڪ جي تقدير بدلائي سگهجي ٿي.“





ايسپين ڪيوبا ۾ غربت، ناخواندگي ۽ صحت جي سار سنڀال جهڙن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ڪئي. هن عورتن جي حقن جي تحفظ لاءِ ڪيوبا جي چونڊيل اسيمبلي مان قانون پاس ڪرڻ ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. ان کان علاوہ عورتن ۽ ٻارن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ هن ايف ايم سي ذريعي سياست ۾ انهن جي شموليت کي همٿائڻ ۾ مدد ڪئي. سماج ۾ عورتن جي ڪردار بابت سندس چوڻ هو تہ، ”اڄ عورتون اسان جي وطن کي درپيش معاشي، سياسي ۽ سماجي مسئلن ۾ حقيقي طور تي شامل آهن: اسان جون عورتون عمل ڪرڻ ۽ سڏ جو جواب ڏيڻ لاءِ هڪدم تيار آهن.“

ولما، ڪميونسٽ پارٽي ڪيوبا جي باني ميمبر توڙي مرڪزي ڪميٽي جي، مرڻ گهڙيءَ تائين اڳواڻ رهي. هن جو چوڻ هو تہ، ”عورتن لاءِ خودمختياري اهم آهي تہ جيئن انهن کي پنهنجي جسماني ۽ تشدد کان پاڪ زندگي جو حق ملي سگهي.“

ولما ايسپين جي شاندار ڪارنامن کي ڏسندي سندس نالي سان هوانا ۾ ايليمينٽري اسڪول کولڻ سان گڏ ڪيترين ئي يادگار عمارتون سندس نالي ڪيون ويون ۽ ڪيس وڏن اعزازن سان نوازيو ويو. هن کي ”لينن امن انعام“ سان پڻ نوازيو ويو هو، جيڪو ڪيوبا جو وڏي ۾ وڏو اعزاز هو.

ڪيوبا جي هن عظيم عورت اڳواڻ 18 جون 2007 تي ڪيوبا جي شهر هوانا ۾ ڊگهي بيماري ڪانپوءِ لاڏاڻو ڪيو. سندس لاڏاڻي تي ڪيوبا ۾ هڪ ڏينهن جو سرڪاري سطح تي سوڳ پڻ ملهايو ويو هو. ■

’هلو ڏوريون ڏُٿ ڪي‘

# جڏهن جهولا لڳن ٿا ته راڻين جي ٻانهن جا ڪنگڻ ڍرا ٿي وڃن ٿا

ڀٽائيءَ جا ڪاھوڙي پڻ ڏٿ تي زندگي گذاريندڙ آھن. ڏٿ اھڙي قدرتي اپت آھي، جيڪا وڻن جي پاڙن، پنن، گلن، ڦرهين ۽ ميون جي صورت ۾ ري ناٽي موجود آھي، جنهن مان اسان کي چڱي موچاري غذائيت ملي وڃي ٿي. ٻيو ته ڏٿ کي هڪ طعام طور استعمال ڪري سگهجي ٿو. اهو ڪاڏو به آهي ته اولڻ پڻ. ان سان گڏ اهو ڪچو به کائي سگهجي ٿو ته، پچائي به. ٻين ڪاڌن سان گڏ پاڄيءَ طور به ڏٿ واپرايو ويندو آهي.



نوراحمد جنجهي

اُٺئو اُٺئو ڪَنِ، هلو ڏورِيُون ڏُٿَ ڪي،
پاڙِي پوڙِيَنِ ۾، ڪُونڌَرَ سِرِ ڪُلَهنِ،
ڏورا ڏُورِ سُڄَنِ، وِيئِي وِهامِي راتڙِي.
(شاھ عبداللطيف ڀٽائي)

ٿر ۾ ڦڳڻ جي ڦولار سان گرميءَ جي شروعات به ٿئي ٿي ته، زندگي جي ڪاروهنوار ۾ ٿوري چڪ به اچي وڃي ٿي، چاڪاڻ جو پاٽي گهٽجي وڃي ٿو، لُڪون ۽ جهولا لڳن ٿا ۽ روڪڙ جي رواني مدي ٿي پوي ٿي. هن موسم جي لاءِ چيو وڃي ٿو ته، هن موسم ۾ راڻين جي ٻانهن جا ڪنگڻ ڍرا ٿي وڃن ٿا يعني ڪاڌي جي اٽاٽ يا فوڊ سيڪيورٽيءَ سببان انساني جسم تان ماھ متي ڇٽڻ شروع ٿئي ٿو. اهڙي وقت ۾ ٿرين وٽ نامياتي ڪاڌي جو قدرتي اپاءُ موجود هوندو هو، چاڪاڻ جو هن علائقي ۾ بٽراج ۽ رستن جي نه هئڻ ڪري اناج اڻ لڀ ٿي پوندو هو. انهن ڪاڌن کي هڪ ئي نالي ”ڏُٿَ“سان سڏيو وڃي ٿو . توڙي جو هاڻي اناج دستياب آهي ۽ ڪاڌي جي اها ڪوٺ ناهي، جيڪا ڪارن ڏڪارن جي ڏينهن ۾ هوندي هئي، پر موسمن جي ڀڙڪ پڻ تبديلي آندي آهي، جو سردي گرميءَ جو پيٽرن تبديل ٿيو آهي. ان جي باوجود ڏٿ جي تمام گهڻي اهميت آهي.


ڀٽائيءَ جا ڪاھوڙي پڻ ڏٿ تي زندگي گذاريندڙ آھن. ڏٿ اھڙي قدرتي اپت آھي، جيڪا وڻن جي پاڙن، پنن، گلن، ڦرهين ۽ ميون جي صورت ۾ ري ناٽي موجود آھي، جنهن مان اسان کي چڱي موچاري غذائيت ملي وڃي ٿي. ٻيو ته ڏٿ کي هڪ طعام طور استعمال ڪري سگهجي ٿو. اهو ڪاڏو به آهي ته اولڻ پڻ. ان سان گڏ اهو ڪچو به کائي سگهجي ٿو ته، پچائي به. ٻين ڪاڌن سان گڏ پاڄيءَ طور به ڏٿ واپرايو ويندو آهي.

جيئن ڦڳڻ جي ڦولار ٿي، تيئن ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڪرڙن ۾ خوبصورت گلابي پُسي لڳي ۽ ڪنڊين ۾ ٿويا لڳا. پسي ۽ سگريون: ٻئي هينئر پاڄيءَ طور استعمال ٿين ٿيون، پر ڪنهن وقت ٻئي شيون ٻاقي منيا ناهي، هڪ رڃي يعني سنگل ڊش طور ڪاڌيون ويندڀون هيون. سگر اڃا پراڙي ۾ آهن ته پيرُن جون ڪڪڙيون ماڃڪن ۾ تبديل ٿيڻ شروع ٿي ويون آهن ۽ هفتي ڏهن ڏينهن ۾ چوندو شروع ٿي ويندو.

پيرون ڪچا ڪائبا آهن، انهن جو ڳڙ پڻ ٺاهيو ويندو آهي ۽ سگر توڙي پيرون: ٻنهي کي سُڪائي محفوظ ڪري پڻ رکيو ويندو آهي، جيئن اهي ڪمندائتا يا آف سيزن ڪم اچن. ڪِرڙن ۾ ڏئونرا به ٿي ويا آهن، جيڪي نه رڳو پاڄيءَ طور واپرايا وڃن ٿا، پر انهن مان سنڌي آچار ٺاهيو ويندو آهي. اهو ڏٿ مينهن مند يعني جولاءِ جي مهيني تائين هلي ويندو آهي. برسات پوڻ سان ڪنڀيون ڦٽي اينديون آهن، جيڪي لحميات يا پروٽين سان ڀرپور آهن.


تصوير حاجي محمد ڪنير




تصوير حاجي محمد ڪنير


ان ڪانسواءِ ساڳئي وقت ڪونڊير ۽ پپون ٿي پون ٿا، جيڪي پڻ نامياتي غذائيت سان ڀرپور آهن. برسات پوڻ جي هفتي اندر مريڙو، ڀڳرو ، سالارو ، ڪاريلا ۽ للر ٿين ٿا، جيڪي آٽرن ۾ شاهوڪار آهن. برسات جي پندرهن ڏينهن ۾ ميها ۽ چانهيان ٿين ٿا ۽ اڳتي هلي وري چيڙ، گدريون ۽ چونرا مگ ٿين ٿا، جيڪي غذائيت سان ڀرپور ۽ رڌڻ پچائڻ ۾ تمام آسان آهن. انهن مان اڪثر ري ناٽي ملن ٿا. جيڪڏهن ڪٽي پئسن سان وٺڻا پون ٿا ته به سستي اگهه ۾ ملي وڃن ٿا. ساوَن پنن وارو ڏٿ توڙي چيڙ ۽ گدريون وڏي، سُڪائي محفوظ ڪري رکي سگهجن ٿا، جيئن انهن کي ڪاڌي جي ڪوٺ دوران ۽ ڪمندائتو واپرائي سگهجي. ان سان گڏ ڏٿ جو اهو به فائدو آهي ته اهو غير ضروري خرچ ڪان پڻ گهر کي بچائي ٿو. ■


# علي دوست عاجز جو ڪتاب: ڇا نثر هيئن به لکبو آهي؟

ڪنهن به ٻوليءَ جي ادب پڙهندڙ جون ڪيفيتون صرف ٻه هونديون آهن: هڪ پوڄڻ جي ڪيفيت ۽ ٻي ماڻڻ جي ڪيفيت. قبول ڪيل آهي ته ٻئي پوروچوٽ تي هلندڙ ڪيفيتون آهن ۽ ٻنهي ڪيفيتن ۾ شدت موجود هوندي آهي. هن هڪڙي ڪتاب ۾ اهي ٻئي شدتون موجود آهن، خوشگواري به آهي ته غمخواري به آهي، ان ڪري ئي مون چيو ته، هيءُ نثر پڙهڻ کان وڌيڪ محسوس ڪرڻ جو نثر آهي، جنهن مون کي ته گهڻو موهيو آهي. هي اهو نثر آهي، جيڪو اياز صاحب جي لفظن ۾، ”رقص ڪندو آهي.“



## رکيل مورائي






يادگيريون ڪڏهن ڪڏهن ڏنڊلائجي وينديون آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ذهن جي ڦرهيءَ تان ميسارجي به وينديون آهن. لفظ ”ميسارجي“ جو هت استعمال بنهه ٺيڪ نه هوندو، ان ڪري ئي شايد علي دوست عاجز پنهنجي ڪتاب ”ڪلر بلائينڊ“ کي ”ڏنڊ ۾ ويڙهيل يادگيريون“ ڪوٺيو آهي؟ ويسر ۽ يادگيريءَ جي وچ ۾ هلندڙ ڪيفيت.

۽ سچ اِهو آهي ته مون کي سندس ڪتاب پهرئين صفحي کان آخري صفحي تائين پڙهي سندس چوڻ بنهه ابتڙ لڳو آهي. سندس يادگيريون لکڻ وقت هن شايد اتي پنهنجي ان شرافت جو احترام ڪيو آهي، جيڪا ڊرائيونگ لائسنس ٺهرائڻ وقت ڪئي هئائين، جنهن کان متاثر ٿي آفيس جي نوجوان سندس لاءِ سفارش ڪندي تڪڙو نمبر وٺي ڏنو هئو، اهو چئي ته، ”شريف ماڻهو آهي، ۽ علي دوست عاجز جي سُرت جواب ڏنو هئو ته، ”ڊرائيونگ لائسنس لاءِ به شرط شرافت آهي ڇا؟“ ۽ هڪ سِٽَ ڪان پوءِ صادق فقير مرحوم کي ڏنل صلاح پڻ ڪجهه اهڙي ئي آهي. ڪيئن به هُجي، اسان جو پيارو دوست علي دوست عاجز ”شريف“ لفظ کي الڳ معنائن ۾ ڏسي به ٿو ۽ پنهنجين لکڻين ۾ اظهاري به ٿو، پنهنجي مزاج جيان!

هيءُ ڪتاب علي دوست جي يادگيرين تي ٻڌل آهي. يادگيريون جيڪي بي ترتيب هونديون آهن، ۽ نثر جيڪو ڪنهن به طرح ترتيب سان لکيو ويندو آهي، جيئن هن ڪتاب ۾ آهي. جيتوڻيڪ نثر ڪيترن ئي قسمن جو ٿيندو آهي، جيڪي وضاحتون ڏيڻ منهنجو مقصد نه آهي، اُهي پڙهندڙ پاڻ ڪتاب مان ڳولي وٺندا. جيڪڏهن هو ادب پڙهندڙ هوندا ته؟ اخبار پڙهڻ واري سان اهڙو ڪو به شرط لاڳو نه سمجهيو وڃي. ائين هڪ پڙهندڙ طور پهرين ۽ لکندڙ طور پوءِ هن ڪتاب لاءِ منهنجو چوڻ اِهو آهي ته، هن ڪتاب جو نثر اهو آهي، جيڪو پڙهڻ کان پوءِ محسوس ڪبو ۽ ان کان پوءِ ان کي ماڻبو.

ڪنهن به ٻوليءَ جي ادب پڙهندڙ جون ڪيفيتون صرف ٻه هونديون آهن: هڪ پوڄڻ جي ڪيفيت ۽ ٻي ماڻڻ جي ڪيفيت. قبول ڪيل آهي ته ٻئي پوروچوٽ تي هلندڙ ڪيفيون آهن ۽ ٻنهي ڪيفيتن ۾ شدت موجود هوندي آهي. هن هڪڙي ڪتاب ۾ اهي ٻئي شدتون موجود آهن، خوشگواري به آهي ته غمخواري به آهي، ان ڪري ئي مون چيو ته، هيءُ نثر پڙهڻ کان وڌيڪ محسوس ڪرڻ جو نثر آهي، جنهن مون کي ته گهڻو موهيو آهي. هي اهو نثر آهي، جيڪو اياز صاحب جي لفظن ۾، ”رقص ڪندو آهي.“

علي دوست عاجز جو ڪتاب جيڪو به ڇپيو آهي، اهو مون پڙهيو آهي ۽ نثر محسوس ڪيو آهي. هي ”ڪلر بلائينڊ“ ڪتاب محسوس ڪرڻ سبب هڪ ئي وقت الڳ ڪيفيتون محسوس ڪرائي ٿو. جڏهن ”جانُل“ نالي وارو ليک پڙهبو ته هڪ ڪيفيت جڙندي، ۽ جڏهن ”علي ته علي هُئو“ پڙهبو ته ٻي ڪيفيت جڙندي.

هن ۾ بنهه ننڍين ننڍين خاڪن نما ليک آهن، ۽ علي دوست عاجز مختصريت کان فائدو حاصل ڪيو آهي. جيتوڻيڪ مان نٿو سمجهان ته هن ڪڏهن ڪنهن به اخبار ۾ ڪم ڪيو آهي. اخبار مختصر لکڻ سيکاريندي آهي. اهو سچ آهي، جيڪي نه سکيا آهن، اُهي موڙهل مت جا آهن.

هن ڪتاب جا ننڍا ننڍا ليک ڪهاڻيون به آهن، خاڪا به آهن، ننڍڙا مضمون به آهن ته، شعر به آهن. انهن سڀن جو تاڃي پيٽو يادگيرين تي ٻڌل آهي. اهي يادگيريون صبح جي ڇٽي روشنيءَ جو احساس ڏيندڙ آهن. مان هن ڪتاب جي نثر لاءِ هوند چوان ته، ”نثر هيئن به لکبو آهي؟“ اسان جي هن دوست جو هيءُ ڪتاب ڪنهن به مهاڳ ۽ پيش لفظ جي بار کان آجو آهي. شايد اها به هن ڪتاب جي خوبصورتي هُجي. وڻندڙ چار رنگي ٽائيٽل واري هن ڪتاب جو مُلهه، چار سئو رپيا آهي، جنهن جي بيڪ ٽائيٽل تي ڏيڍ سٽ عزيز گوپانگ جي لکيل آهي ۽ چار سٽون علي آڪاش جون آهن، ڀيو مڙئي خير!

پر ان کان اڳ شخصي طور مان ڪانئُس ڪٽي پڇان ته! دوست لاءِ شرط فقير منش هجڻ لازمي آهي ڇا؟ جيڪي ڪٽڪ ڪائين ٿا، اهي اهڙا ڪتي آهن؟ دوست ته دوست آهن، لائق توڙي نالائق! دوستَ جو آهن! ■

## ڀوڳن ڀوڳن ۾

# مَجنُون



امتياز ابڙو

دنيا ۾ اڌ ماڻهو پنهنجي وزن جي ڪري ۽ باقي پنهنجي گهر جي وزن ڪري پريشان آهن!

وزن وڌائڻ سولو ڪم ناهي...ان لاءِ توهان کي مفت جون دعوتون ڳولڻيون پونديون آهن.

ٿلهو ٿيڻ ڪير به نه چاهيندو آهي پر سنين شين کي ٺُڪرائڻ به ڪنهن جي وس ۾ ناهي هوندو!

ٿلهو افيئرڪندو ته سچي ڳوٺ جون اکيون ٿلهي تي هونديون ۽ افيئر نه ڪندو ته ٿلهي جون اکيون سڄي ڳوٺ تي هونديون!

ٽُلهو ٽُلهي کي نه سَهندو آهي، ان ڪري هڪڙي جهنگ ۾ ٻه ٽُلها نٿا رهي سگهن. هڪڙي جهنگ ۾ ته هڪڙو ٽُلهو به نٿو رهي سگهي...جيڪڏهن رهيو ته پوءِ اُن کي شينهن ڪائي ويندو!

اسان جو ڳوٺائي مجنُون موٽو ڳولي ڳولي اهڙيون شيون ڪائيندو آهي، جيڪي ڪائڻ کان پوءِ وڌيڪ موٽو ٿي وڃبو آهي!

ڊاڪٽر به ڪيس منع ڪئي آهي ته اهڙين شين جي ويجهو نه وڃ جيڪي تنهنجي ويجهو نٿيون اچن!

سندس اصل وزن جي ته خبر ناهي باقي سندس ڳالهين ۾ وزن هوندو آهي!

ڊاڪٽر چيس، ”وڏي ڪان پري رهڻو اٿئي؟“

ته ان کي چيائين ، ”مون کان وڏو ته گهر ۾ ڪير به ڪونهي!“

نوڪري به اهڙي ڊپارٽمينٽ ۾ اٿس جو اُن ۾ جيڪو نه ڪائيندو آهي، انهي کي وري ٻيا ملازم ڪائي ڇڏيندا آهن.

اسڪول ۾ به ماستر مادي جي وصف پڇندو هوس ته هيءُ معدي جي وصف ٻڌائيندو هو...هڪ دفعا ڪلاس ۾ ماستر ٻڌايو، ”مادو وزن به رکي ٿو ۽ جاءِ به والاري ٿو...!“ ته سڀ ٻار هن ۾ نهارڻ لڳا.

هن مٿان ڇَرٻيائين پئي چڙهي،جيئن ملڪ تي آءِايمايفجوقرضپيو چڙهي!

شادين جا پَٽَ ڪائي ڪائي اهڙو سُجي پيوآهي،ڄڻ سڄي سنڌ جا حق ڪايو ويٺو هجي!

وهنجڻ ويندو ته هميشه نئون صابڻ ڪٽي ويندو ۽ واپسيءَ مهل وهنجڻ جاءِ ۾ ڏسبو ته صابڻ جي جاءِ تي هڪ ٽافي پئي هوندي !

ڪنهن دعوت تي ويندو ته ويهندو پنهنجي مرضيءَ سان ۽ اُٿندو ڏٽين جي مرضيءَ سان...پڪل مرغيءَ کي ته هٿن ۾ ڪٽي اهڙو خوش ٿيندو آهي ڄڻ ڪنهن بيواهه جو ڪُٽن ۾ پلاٽ نڪتو هجي !

ائين ناهي ته وزن جو مسئلو رڳو مردن سان آهي...ڪجهه عورتن کي ته رڳو هڪ عدد شادي ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي ۽ پوءِ ڪنهن افواهه جيان ڦهلجنديون وينديون آهن ! ■

# گيت



## پارومل امراڻي سوٿهڙ

سنڌو ساک صدين جي سنڌو منهنجو ساهه
تهذيبن جي ترقي ۾ سنڌو روشن راهه
سنڌو نه روڪيو سنڌو نه روڪيو

دريا منهنجو دادلو دوست منهنجي ڌرتي جو
ڌرتي جا ٿا ڌڙ وڍجن ڪهڙو وهندو واهه
سنڌو نه روڪيو، سنڌو نه روڪيو

هي ٻيڙا ٻيهندا ٻيٽن تي پاتڻي کهڙا پار پڇائيندا
سچ جي لالي جيئن لڙهي ٿي تيئن روئي ٿو ملاح
سنڌو نه روڪيو، سنڌو نه روڪيو

منهنجو هڪڙو سپنو آهي سرسبز سمورو ڏيهه ڏسان
منهنجي سوچن ۽ سوچن ۾ ساڻيهه جي ساڃاهه
سنڌو نه روڪيو، سنڌو نه روڪيو

هي ٻيلا به ويندا ميلا به ويندا، وينديون سڀ واٽون
گيت سنگيت جي ڳالهه نه هوندي ڪٽبي کهڙي نگاهه
سنڌو نه روڪيو، سنڌو نه روڪيو

سپت سنڌو جون سرتيون ڇا ڇا منڊ هڻنديون هيون
تپسوين پاتو تيج نيارو، ويدن ۾ ٿي واهه واهه
سنڌو نه روڪيو، سنڌو نه روڪيو

هاڪڙي جي هوڏ ٽُٽڻ سان ٿر جا سارا ٿاڪ ٿهيا
ائين نه ٻٽايو سنڌ سموري هي وطن آ ويساهه
سنڌو نه روڪيو، سنڌو نه روڪيو.

■

# انور ڪاڪا جا جلندڙ پيشانيءَ سان لکيل نظم

ڊاڪٽر انور ڪاڪا جو هيءُ ڪتاب سندس نثري نظمن جو مجموعو آهي، پر مون کي انهن ۾ به ڪهاڻيون نظر آيون آهن. هن ڪتاب ۾ شامل نظم ڪهاڻين جيان مختلف وجودي وارتائن جي اثر هيٺ لکيل آهن. مون ڊاڪٽر انور جي ڪهاڻين توڙي نثري نظمن جي فڪري پس منظر ۾ انهن حالتن ۽ واقعن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي، جن ۾ اڪثر اسان گهيريل رهيا آهيون. هو انهن سمورين وارتائن کي جرئت سان پيش ڪري ويو آهي، جيڪي اسان جي اندر ڪي ته ڪائيندڙيون رهن ٿيون، پر ٻاهر انهن جو اظهار ڪرڻ لاءِ سوچي انهن کي ڪڙي گوريءَ جيان ڳهڻ ٿي بهتر لڳندو آهي.



ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

نظمُ خيال ۽ احساس جي هيڪڙائيءَ کي پيش ڪندڙ صنف آهي. شاعر جي اندر جي تڙپ، احساس ۽ پوڳنائن سبب اندران رچي ۽ پچي نڪتل خيال اڪثر خوبصورت ۽ گهري صورت ۾ پڌرا ٿيندا آهن. پيارو ڊاڪٽر انور ڪاڪا منهنجو ڳوٺائي، مائٽ ۽ دوست آهي. اسان ڏاڍي ڏکيي ۽ گُهٽ ۽ ٻُوسٽ واري ماحول مان نڪتا آهيون. اڄ به آئون ماضيءَ کي صرف ان ڪري ياد ڪندو آهيان جو انهن حالتن کي شڪست ڏئي گهڻو پوئتي ڇڏي آيا آهيون، جن ۾ محتاجي هئي، بيوسي هئي، طنز هئي، اونداهه هئي ۽ ٻيو اهڙو گهڻو ڪجهه هو.

پيارو انور مون کان گهڻو سينيئر آهي. شروع ۾ اسان جو پرائمري اسڪول ساڳيو هو، بعد ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ الڳ اسڪول کُلڻ ڪري اسان اتي داخل ٿيا سين. اڳتي اسان ساڳئي گورنمينٽ هاءِ اسڪول پليڊنو ڪاڪا ۾ پڙهياسين. جڏهن آئون ڇهين ڪلاس ۾ آيس ته انور اٺين ڪلاس ۾ پڙهندو هو. هاءِ اسڪول جي ريگيولر ۽ ذهين شاگردن ۾ سندس شمار ٿيندو هو... دير سوير، انور حالتن جو مقابلو ڪري پنهنجي منزل ماڻي آهي. هن حالتن جي وهڪري ۾ لڙهڻ بجاءِ ادب جي ڇانو ۾ پناهه ورتي. ڪهاڻيڪار ۽ شاعر طور سنڌ جي علمي ۽ ادبي لڏي ۾ ڄاتل سڃاتل آهي. سندس ڪهاڻيون مون کي منير احمد مانڪ ۽ شوڪت حسين شوري جو فڪري تسلسل محسوس ٿينديون آهن. وجوديت جي فڪر جو هن جي تحريرن تي گهرو اثر آهي.

هي ڪتاب ”پيشانيءَ سان لکيل نظم“ ڊاڪٽر انور ڪاڪا جي نثري نظمن جو مجموعو آهي، پر مون کي انهن ۾ به ڪهاڻيون نظر آيون آهن. هن ڪتاب ۾ شامل نظم به ڪهاڻين جيان مختلف وجودي وارتائن جي اثر هيٺ لکيل آهن. مون ڊاڪٽر انور جي ڪهاڻين توڙي نثري نظمن جي فڪري پس منظر ۾ انهن حالتن ۽ واقعن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي، جن ۾ اڪثر اسان گهيريل رهيا آهيون. هو انهن سمورين وارتائن کي جرئت سان پيش ڪري ويو آهي، جيڪي اسان جي اندر ڪي ته ڪائيندڙيون رهن ٿيون، پر ٻاهر انهن جو اظهار ڪرڻ لاءِ سوچي انهن کي ڪڙي گوريءَ جيان ڳهڻ ٿي بهتر لڳندو آهي.

انور زندگيءَ جي واٽ ۾ جن حاصل ۽ لاحاصل حالتن ۽ ڪيفيتن ۾ رهيو، انهن جو اثر سندس نظمن تي به آهي. پرينءَ جي پيشاني تي اپري آيل پگهر ڦڙن ۾ پرهه ڦٽيءَ جيان اپرڻ جي آس ته من ۾ رکي ٿو، پر ڪيس اها به ڄاڻ آهي ته اسان جهڙن ماڻهن کي اتي به برداشت نه ڪيو ويندو.

تنهنجي پيشانيءَ جي پگهر ۾
مان
هن وقت پرهه ڦٽي بڻيل آهيان
ان کي تشوءَ سان نه اگهه
مونکي اپرڻ ڏي
منهنجي مٺي
اجا ڪي پل جيئڻ ڏي.



اسان جنهن دور ۽ سماج ۾ رهون ٿا، اهو جديديت پڄاڻان جو دور آهي، جنهن ۾ ڪوبه انساني قدر، سچائي، اعليٰ اصول، يا معيار ناهي. هر طرف بس صرف ڏيکاءُ آهي. انور جو طويل نظم ”هو وڏو اداڪار آهي“ ان صورتحال جو وڏو مثال آهي، جنهن ۾ سماج جي هر طبقي، مذهب، فرقي، صوفي، ترقي پسند، دانشور ۽ همدرد ڏيکاريندڙ انسانن جي روين ۾ جيڪو ڏيکاءُ ۽ اداڪاري آهي، ان کي چِٽيو ويو. هن نظم ۾ ڏيکاءَ جي سطحي رخ کي ظاهر ڪيو ويو آهي. وقت جو وڏو سچ به اهوئي آهي، ڇاڪاڻ ته ايترا گهڻا صوفي، ترقي پسند دانشور ۽ ڏاها، همدرد هجڻ باوجود سماج تنزلي جو شڪار ڇو آهي. انسانيت ائين بي موت ڇو مري رهي آهي. اهو صرف اسان جي هن سماج جو الميو ناهي پر عالمي صورتحال تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته انسانيت جي علمبردارن وٽ به صرف ڏيکاءُ آهي.

سندس هي نظم انساني ڪردار جي سمورن روپن ۾ لڪل منافقت جي رنگن کي پڌرو ڪري ٿو:

هن جي سنڌ دوستي
هن جي وطن دوستي
هن جي انسان دوستي
هن جي فطرت دوستي
هن جي عورت دوستي
هن جي علمي دوستي
هن جي قلمي دوستي
هن جي ڪتاب دوستي
هن جو راڳ
هن جو ماڳ
هن جو هر مهاڳ!

سارتر انساني وجود لاءِ ”ٻينگ فار اٽ سيلف“ جو اصطلاح استعمال ڪيو آهي، جنهن مطابق وجود جي ڪابه معنوي حقيقت ناهي. انسان هر لمحي پنهنجي ذات جي نئين تشڪيل لاءِ دهشت، خوف ۽ اضطراب مان گذرندو آهي. هن مطابق انسان لاءِ اهي لمحا سڀ کان وڌيڪ ڪربناڪ هوندا آهن، ڇو ته ڪيس هر لمحي اخلاقي ڪرب ۽ اضطراب مان گذرڻو پوي ٿو. اهڙا حساس انور جي هن ۽ ٻين نظمن ۾ به موجود آهن:




انور جي نظمن ۾ وجوديت جا مختلف عنصر خوف، ويڳاڻپ، موت، بوريت ۽ دهشت وغيره به موجود آهن. خاص طور سندس نظم ”خوف ۾ ورتل شخص،“ ”نفرت جو اعلان،“ ”ويڳاڻپ،“ ”منهنجي سگنيچر،“ ”ڪوبه سندس ڳولا نه ڪندو،“ ”هو واقعي به موت کان ڏاڍو ڊڄندو آهي“ ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا نظم آهن، جيڪي وجودي وارتائن ۾ ويڙهيل آهن.

ڪارل مارڪس مطابق، ويڳاڻپ ۽ اڪيلائيءَ جي احساسن جا سبب معاشي حالتون آهن. استحصالي سماج ۾ پورهيت طبقو سرمائيدار لاءِ دولت پيدا ڪندي پنهنجي ذات کي وساري ڇڏيندو آهي. سندس وجود سواليه نشان بڻجي ويندو آهي. عام انسان جي قسمت ڄڻ مارڪيٽ جي رحم ڪرم تي هوندي آهي. انور جي نظمن ۾ پيش ڪيل اهڙين داخلي ڪيفيتن ۽ ردعمل جو هڪ وڏو سبب هتي جو معاشي نظام به آهي.

432 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب ۾ 359 ننڍا وڏا نظم ڏنل آهن. هر نظم ۾ هڪ مختلف احساس، خيال ۽ تصور موجود آهي. موجوده حالتن ۾ مجموعي طور جيڪي ڪجهه اسان ڀوڳي رهيا آهيون، انور ان سڀي صورتحال کي هنن نظمن ۾ بيان ڪيو آهي. هن پنهنجي محسوسات جي ذري پرزي کي زبان ڏني آهي. هن وٽ ڪو به رک رکاءُ ناهي. وٽس جرئت ۽ ڏانو آهي. ماءُ جي مامتا جو احساس هجي يا محبوبا جو، ننڍڙي ٻار جي معصوم مرڪ هجي يا اڌامندڙ پکي وجوديت جي بحران ۾ لهندڙ ويڳاڻپ هجي يا خوف جا پاڇا، اميد، نااميدي، پنهنجي وجود جي وسيع ڪائنات جا هزراين رنگ ۽ ڍنگ آهن، جن کي انور هنن نظمن ۾ پيش ڪيو آهي. هن زندگيءَ جي ماڪ ڦڙن جهڙن احساسن کي، جيڪي ڪنهن گل تي هجن يا ڪنڊي تي، سڪڻ کان اڳ پنهنجي نظمن ۾ ڪٽي محفوظ ڪري ورتو آهي.

بظاهر سانتيڪو نظر ايندڙ انورَ پنهنجي جذبن جي تپش ۾ جلندي نظم لکيا آهن، جنهن جو اظهار هو هن ڪتاب جي آخري نظم ۾ هن طرح ڪري ٿو:

”مون سڄي زندگي
جيڪي به نظم لکيا
اهي سڀ پنهنجي
هن جلندڙ پيشانيءَ سان ئي لکيا
هي آخري نظم پڻ!“

شال سندس قلم سدائين تازو رهي. ■

## سنڌ ۾ زرعي ڪاروبار جا نوان موقعا_ حصو ٻيو ۽ آخري

# ڪيلي مان ٺھندڙ پائوڊر، جيڪو ٻارن جي خوراڪ، دوائن ۽ ڪاسميٽڪس ۾ استعمال ٿئي ٿو

ڪيلي جي پائوڊر جو ڪاروبار سنڌ جي اضافي ۽ زيان ٿيندڙ ڪيلي جي ڦرين مان پائوڊر تيار ڪرڻ جو هڪ منفرد موقعو آهي. اهو عام طور تي خوراڪ جي پروسيسنگ، غذائي سپليمنٽس، ۽ گلوٽن کان پاڪ: اٽي جي متبادل طور استعمال ٿئي ٿو. اهو پائوڊر اهم غذائي جزن جھڙوڪ: پوٽاشيم، وٽامنز، فائبر ۽ اينٽي آڪسيڊنٽس سان مالا مال ٿئي ٿو، جنهن ڪري اهو ٻارڙن جي خوراڪ ۽ طاقت وارين خوراڪي پٽين لاءِ استعمال ٿي رهيو آهي. ان سان گڏ اڄڪلھ ڪيلي جي پائوڊر: ڪاسميٽڪس ۽ دوائن جي تياريءَ ۾ بہ تمام گھڻي اهميت حاصل ڪئي آهي.



مصطفيٰ نانگراج

ڪيلي جي ڏاڳي جي واپار جي امڪانن کي بين الاقوامي سطح تي ڪامياب مثالن مان سمجهي سگهجي ٿو، جنهن ۾ خوراڪ ۽ زراعت جي عالمي اداري (ايف اي او) جي تعاون سان مصر ۾ ”بنانا فبرڪ“ جي نالي هڪ اسٽارٽ اپ 2025ع ۾ انجنيئر حاجي محمد محمود طرفان شروع ڪيو ويو، جنهن ذريعي ڪيلي جي ٿڙن ۽ پنن وغيره مان فصلن جي لاءِ نامياتي ڀاڻ تيار ڪيو وڃي ٿو، جيڪو سستو ۽ فصلن لاءِ نهايت ئي فائديمند آهي. ان سان گڏ ڪيلي جي ٿڙن مان ڏاڳو تيار ڪري ڪپڙا ۽ هٿ سان ٺھندڙ شيون تيار ڪيون وڃن ٿيون. هي منصوبو مقامي هارين ۽ ڪاريگرن لاءِ روزگار جا وڏيڪ موقعا پيدا ڪري رهيو آهي، جڏهن تہ ماحولياتي مسئلن جو بہ حل مهيا ڪري رهيو آهي.




اهڙي طرح يوگنڊا جي هڪ ڪمپني: ٽيڪسفاد ڪيلي جي ڏاڳي مان قالين، شاپنگ بيگس، ليمپ شيڊز ۽ بايوڊيگريڊ ايبل وار تيار ڪري رهي آهي، جيڪي يورپي مارڪيٽن تائين برآمد ڪيا وڃن ٿا. ان مان ثابت ٿيو آهي تہ ڪيلي جي ڏاڳي جو ڪاروبار اقتصادي طور تي فائديمند ۽ ماحول دوست ٿي سگهي ٿو.




سنڌ مان بہ اهڙو هڪ مثال ”بن جان فائيبر“ ڪمپني جي نالي سان موجود آهي، جيڪا ڪيلي جي ٿڙن مان اعليٰ معيار جو ڏاڳو ٺاهي رهي آهي. جيتوٽيڪ سنڌ ۾ هيءَ ابتدا آهي، ۽ جنهن ۾ تمام گھڻن سڌارن جي گنجائش موجود آهي، پر اها حقيقت آهي تہ هيءَ ابتدا ٻين ماڻهن لاءِ مشعل راه ثابت ٿي سگهي ٿي. هي هڪ مثال بہ ان ڳالھ کي ظاهر ڪري ٿو تہ، سنڌ ۾ ڪيلي جي ڏاڳي جي تياريءَ واري واپار جا وسيع موقعا موجود آهن، جيڪي عورتن ۽ نوجوانن کي اقتصادي طور تي بااختيار بڻائي سگھن ٿا ۽ ماحولياتي مسئلن جو حل بہ ڏئي سگهن ٿا. جيڪڏهن مهارتن جي واڌاري، حڪومت جي مدد ۽ مارڪيٽنگ تي صحيح طرح ڌيان ڏجي تہ هي منصوبو ڪيلي جي ضايع ٿيندڙ ٿڙن کي فائديمند ڪاروبار ۾ تبديل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ سنڌ ۽ ٻين علائقن ۾ پائيدار اقتصادي ترقيءَ لاءِ ڪيلي جي ڏاڳي جو ڪاروبار هڪ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.





سنڌ ۾ ڪيلي جي پائوڊر جي ڪاروبار جا نوان موقعا:

ڪيلي جي ڏاڳي جي ڪاروبار سان گڏ سنڌ جي ڪيلي پوکڻ وارن علائقن ۾ ڪيلي جي بچيل ڦرين مان پائوڊر تيار ڪري ڪاروبار ڪرڻ جو موقعو پڻ موجود آهي. ڪيلي جي پائوڊر جو ڪاروبار سنڌ جي اضافي ۽ زيان ٿيندڙ ڪيلي جي ڦرين مان پائوڊر تيار ڪرڻ جو هڪ منفرد موقعو آهي.

ڪيلي جو پائوڊر ڪيلي جي ڦرين جي ڳر مان تيار ٿئي ٿو، جيڪو عام طور تي خوراڪ جي پروسيسنگ، غذائي سپليمنٽس، ۽ گلوٽن کان پاڪ: اٽي جي متبادل طور استعمال ٿئي ٿو. اهو پائوڊر اهم غذائي جزن جھڙوڪ: پوٽاشيم، وٽامنز، فائبر ۽ اينٽي آڪسيڊنٽس سان مالا مال ٿئي ٿو، جنهن ڪري اهو ٻارڙن جي خوراڪ ۽ طاقت وارين خوراڪي پٽين لاءِ استعمال ٿي رهيو آهي. ان سان گڏ اڄڪلھ ڪيلي جي پائوڊر: ڪاسميٽڪس ۽ دوائن جي تياريءَ ۾ بہ تمام گھڻي اهميت حاصل ڪئي آهي، جنهن ڪري دنيا ۾ ڪيلي جي پائوڊر جي ڏينهون ڏينهن گھرج وڌي رهي آهي.

ڪيلي جي پائوڊر جو ڪاروبار زراعت جي رواجي طريقن جي ڀيٽ ۾ هڪ منافع بخش متبادل ڪاروبار آهي. آبادگار پنھنجي اضافي ڪيلي، جيڪو ٻي صورت ۾ ضايع ٿي وڃي ٿو، ان کي مقامي پروسيسنگ يونٽن کي وڪرو ڪري منافعو ڪمائي سگھن ٿا.

ڪيلي جي پائوڊر تيار ڪرڻ واري ننڍي يونٽ هڻڻ لاءِ تقريباً 20 کان 30 لک رپيا خرچ ٿي سگهن ٿا، جنهن ۾ ڪيلي کي سُڪائڻ، پيهڻ ۽ پيڪنگ ڪرڻ واريون مشينون شامل هونديون. آپريشنل خرچ ۾ مزدوري، خام مال (ڪيلو)، ۽ يوٽيلٽيز شامل آهن، اهو هر سال تقريباً 15 کان 20 لک روپيا خرچ ٿي سگھي ٿو، جنهن مان بعد ۾ زبردست منافعو حاصل ٿيندو ۽ وڏي ڳالھ تہ هيءَ اهڙي شيءِ آهي، جنهن جي گھرج جي جھڙوڪ ابتدا آهي، ان ڪري مارڪيٽ ۾ مقابلو نہ هئڻ برابر آهي، تنهن ڪري جيڪا بہ ابتدا ٿيندي، اها منافعي بخش ۽ پائيدار هوندي.

انڪري سنڌ ۾ ڪيلي جي بيڪار ٿڙن مان ڏاڳو، ٻيون قيمتي شيون ۽ نامياتي ڀاڻ تيار ڪرڻ سان گڏ زيان ٿيندڙ ۽ اضافي ڪيلي جي ڦرين مان قيمتي پائوڊر تيار ڪرڻ جا ڪاروبار نهايت ئي اهميت رکن ٿا. سنڌ ۾ هي ٻئي ڪاروبار مقامي آبادگارن، ڪاروباري ماڻهن ۽ ڳوٺاڻن کي اقتصادي طور تي پاڻپرو بڻائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري سگھن ٿا ۽ سندن زندگين کي بدلائڻ سان گڏ صوبي جي غيرملڪي ناڻي ڪمائڻ جي سگھ ۾ بہ رڪارڊ اضافو آڻي سگھن ٿا. ڪيلي جي زيان ٿيندڙ بيڪار ٿڙن ۽ ميووي کي هڪ اعليٰ قيمت واري پيداوار ۾ بدلائي، هڪ پائيدار، نئين صنعت جي شروعات ڪندي هڪ منافعي بخش ڪاروباري ماڊل طور پيش ڪري سگھي ٿو. مناسب حڪومتي مدد، مالي سيڙپڪاري ۽ مارڪيٽنگ جي حڪمت عمليءَ سان هي منصوبا ڪيلي جي زيان کي گھٽائڻ، آبادگارن جي آمدنيءَ ۾ اضافو ڪرڻ ۽ مقامي معيشت ۾ مدد ڏيڻ ۾ زبردست مدد ڪري سگھن ٿا. ■

# هڪ جنرل اسٽور جي ريڪ تي منهنجي مشڪل جو جواب رکيل هو

اهو مونکي گھڻا سال پوءِ جوش مليح آبادي جي ڪتاب "يادون ڪِي بارات" مان معلوم ٿيو ته دهلي ۽ لکنؤ جي تهذيب ۾ مَاهوارِي ۽ ان سان لاڳاپيل شين کي "خاموشي" جي اصطلاح سان بيان ڪيو ويندو هو. 1927ع ۾ ڪجھ تربيت يافته نرسن گھر گھر وڃي عورتن جي مسئلن جو جائزو ورتو، جنهن جي بنياد تي، ڊيزائنر عورتن موڊيس نالي پيڊ ٺاهيو.



تحرير: ڊاڪٽر طاهره ڪاظمي



ترجمو: ڊاڪٽر سنتوش ڪامراڻي

اُونهاري جي اَهڙي هِڪڙي تِڪي مَنجهند، جڏهن سِرِڻ به گرميءَ جي شدت کان آنا چڏي وڃي، اسڪول بس مان لهندي مون هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ۽ هڪ طرف هلڻ لڳيس. هر روز بس معمول مطابق بيهندي هئي، آءٌ بس مان ٽپو ڏئي لهندي هئس، اسڪول بيگ ڪلهي تي هوندو هو ۽ تيزيءَ سان هلندي ان گهٽيءَ ۾ داخل ٿي ويندي هئس، جيڪا به ٽي موڙ مُڙي منهنجي گھر تائين وڃي رَسندي هئي.

ويڪري روڊ تي ٻنهي پاسن کان دڪان هئا، جيڪي ٻنپهَرن جي وقت اڪثر ڪري سُڃا پيا هونَدا هئا ۽ دڪاندار سخت گرميءَ کان بيزار ٿي گراهڪن جي انتظار ۾ ننڊاکڙا هوندا هئا.

ان منجهند جو آءٌ گهٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ بدران ان جنرل اسٽور ڏانهن مُڙي ويس، جنهن جي وراندي ۾ ڪيترائي اهڙا ريڪ (شيلف) پيا هئا، جيڪي مختلف ڪمپنين پنهنجي پروڊڪٽ (شين) سان گڏ رکائينديون هيون. هر ريڪ جي مٿان ان شيءِ جو وڏو اشتهار به لڳل هوندو هو، جنهن مان ريڪ اندر موجود شيءِ جي خبر پئجي ويندي هئي.

آءٌ وراندي ۾ پيل ان ريڪ وٽ اچي بيٺيس، جنهن جي مٿان لڳل اشتهار ۾ هڪ خوبصورت عورت پينگهه تي ويٺي مُرڪي رهي هئي. هيٺ ريڪ جي تاڪن تي ڪيترائي پيڪيٽ پيا هئا.

مون کي ايندو ڏسي ننڊاکڙو دڪاندار سِڌو ٿي ويهي رهيو.

"نياڻي، ڪهڙو چاڪليٽ ڏيانءِ؟"

"نه چاچا، چاڪليٽ نه کپي." مون پُراعتماد لهجي ۾ چيو.

"پوءِ توکي ڇا کپي نياڻي؟" دڪاندار شفقت سان پڇيو.

"اِهو!" منهنجي آڱر اُن ريڪ ڏانهن اشارو ڪري رهي هئي، جنهن تي اها مُرڪندڙ عورت جلوه افروز هئي.

دڪاندار حيران ٿي مون ڏانهن ڏٺو ۽ سوچيو ته شايد مون کي اِهو منهنجي وڏي ڀيڻ يا ماءُ خريد ڪرڻ لاءِ چيو هوندو، ڇو ته عورتون شرم جي ڪري اهڙي شيءِ گهرڻ ۾ هٻڪنديون آهن ۽ سنڌس دڪان تي ان ريڪ جو وڪرو تمام گهٽ هو. ڪجھ به چوڻ کان سواءِ، هن هڪ خاڪي لفافي ۾ پيڪيٽ ويڙهي مون کي ڏنو، ۽ آءٌ اهو لفافو اسڪول بيگ ۾ رکي جلديءَ سان ڏاڪڻيون لهي ويس!

۽ اهو ته مونکي گھڻا سال پوءِ جوش مليح آبادي جي ڪتاب "يادون ڪِي بارات" مان معلوم ٿيو ته دهلي ۽ لکنؤ جي تهذيب ۾ مَاهوارِي ۽ ان سان لاڳاپيل شين کي "خاموشي" جي اصطلاح سان بيان ڪيو ويندو هو.

گذريل ڏينهن جانسن اينڊ جانسن ڪمپنيءَ جي ويب سائيٽ مون ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ ڏٺي هئي، پر اتي ڪجھ اهڙو ڏسي ورتم جنهن مونکي هڪ وساريل ڪهاڻي ياد ڏياريندي منهنجن چپن تي مرڪ پکيڙي ڇڏي. مون بي اختيار سوچيو، اَڙي! مان 1970 واري ڏهاڪي جي آخر ۾ به ايتريون ئي بي خوف حرڪتون ڪري رهي هئس.

منهنجي عمر هوندي ڪا ٻارهن تيرهن سالن جي ۽ مان محسوس ڪري چڪي هئس ته ڪلاس ۾ ساٿياڻين جي سُس پُس وڌي چڪي هئي. ڌيمل ڌيمل آواز ۾ راز و نياز، شرمائيندڙ لڄائيندڙ مُرڪون، چادر اوڍڻ ۾ احتياط ۽ پابندي، اٿندي ويهندي پَلاندَ کي ڇنڊڻ ۽ پُٺ تان چولو سِڌو ڪرڻ ته هو ئي، پر ڪجھ ٻيو به هو، جنهن تي پردو پيل هو ۽ اهو مون تي ظاهر نه پئي ٿيو.

هاڻي مسئلو اِهو هو ته مان ڪلاس جي اڪثريت کان وڏيڪ معصوم ۽ ننڍي عمر جي لڳندي هئس، ان ڪري ڪيترائي موضوع منهنجي لاءِ منع ٿيل وڻ (شجرِ ممنوعہ) سمجهيا ويندا هئا. جيتوڻيڪ ائين سمجهڻ وارا اِهو نه ڄاڻندا هئا ته منهنجي ڄاڻ ۽ آگاهيءَ جو درجو گهڻين ئي ساٿياڻين کان مٿي هو.

ڪڏهن ڪڏهن ڪجھ ڇوڪريون انت لهڻ لاءِ مون ڏانهن ڏسنديون هيون، ڄڻ ته اندازو لڳائي رهيون هجن ته مان اڃا انهن جي قطار ۾ شامل ٿي چڪي هئس يا نه. سِڌين سَڀاجهين ڇوڪرين منهنجي معصوميت کي داغدار ڪرڻ جي همت نه پئي ڪئي.

ڪتاب ۽ رسالا پڙهي ڪجھ اندازا ته مان لڳائي چڪي هئس، سو هڪ ڏينهن آپا (وڏي ڀيڻ) سِر مٿي تي سوار ٿيس ته انهن ڳجهن معاملن ۽ رازن جو وڌيڪ تفصيل مون کي ٻڌايو وڃي. آپا سان مون ڳالھ ڪجھ هن ريت شروع ڪئي ته، نه ڄاڻ ڇو ساٿياڻيون ڪوجها ڪندڙ نظرن سان مون کي ڏسنديون رهنديون آهن؟ پاڻ ۾ ته ڪجھ ڳالهائينديون آهن، پر جڏهن مان سندن ويجهو پهچندي آهيان ته خاموش ٿي وينديون آهن؟

آپا پهرين ڪجھ ٽال مٽول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر منهنجي ضد آڏو ڀلا ڪيستائين بيهي سگهي ها؟ نيٺ ڪيس ٻڌائڻو ئي پيو ته، مون کي به هڪ اوچتي صورتحال کي منهن ڏيڻو پوندو، پر اها خبر نه هئي ته ڪڏهن؟ ڪٿي؟ ۽ ڪهڙي وقت؟

منصوبا ٺاهيندڙ ته مان شايد پيدائشي طور تي ئي هئس، جو هر ڳالھ پهرين کان سوچي رکندي هئس. هاڻي دماغ ان جوڙ توڙ ۽ سوچ ويچار ۾ مصروف هو ته مون کي هِن آفت کي ڪيئن منهن ڏيڻو هو؟ آپا جي چوڻ مطابق ته وقت اچڻ تي مون کي ڪپهه جو هڪ بنڊل ڏنو ويندو، جنهن سان گڏ ڊاڪٽري پٽي به هوندي. ضرورت مطابق ڪپهه ۽ ان تي ويڙهيل ڄاريءَ جهڙي پٽي... اڙي بابا هي ته بلڪل فضول خيال آهي، ڪپهه ۽ پٽيءَ سان تياري... ڪجھ ٻيو هئڻ گهرجي، مون دل ۾ سوچيو.

ڪجھ ڏينهن جي سوچ کانپوءِ اخبار جي اشتهار مان حل مليو، جيڪو مان ڏاڍي غور ۽ شوق سان پڙهندي هئس. هاڻي ايندڙ مرحلو "ڪٿان کان ۽ ڪيئن" جو هو.

اهو به منهنجي عقابي نظر جي ڪري طئي ٿيو ته اسڪول کان واپسيءَ تي جنهن روڊ تي مان بس مان لهندي هئس، اتي ئي هڪ جنرل اسٽور جي وراندي ۾ هڪ ريڪ تي منهنجي مشڪل جو جواب رکيل هو. هي منهنجي ۽ سينٽري پيڊز جي پهرين سُڃاڻپ هئي، جانسن اينڊ جانسن جا ٺاهيل موڊيس پيڊز!

۽ جانسن اينڊ جانسن وارا اِن جي ڪهاڻي ڪجھ هن ريت ٻڌائين ٿا!

1927ع ۾ ڪجھ تربيت يافته نرسن گھر گھر وڃي عورتن جي مسئلن جو جائزو ورتو، جن ۾ سرفهرست مَاهوارِي سان لاڳاپيل مشڪلاتون هيون. اُن تحقيق جي بنياد تي، ڊيزائنر عورتن مَاهوارِي ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ موڊيس نالي پيڊ ٺاهيو، جيڪو مَاهوارِي جو رت بهتر طريقي سان جذب ڪندي عورتن جي سهولت جو سبب بڻجي سگھيو ٿي.

پيڊز ته ٺهي ويا پر انهن جو وڪرو ممڪن نه ٿي سگهيو، ڇو ته عورتن لاءِ مَاهوارِي سان لاڳاپيل سامان بازار مان خريد ڪرڻ شرم ۽ هٻڪ جو سبب هو. پهرين ته اَهو سوچيو ويو ته پيڪيٽ سادو رکيو وڃي ۽ هڪ پاسي پيڊز جو نالو لکيو وڃي، پر اهو طريقو به ان ڪري اثرائتو ثابت نه ٿيو، جو سماجي دٻاءَ سبب عورتن لاءِ دڪاندار کان پيڊز گهرڻ ۽ ڪاؤنٽر تي پئسا ڏيڻ مشڪل هو. آخرڪار، جانسن اينڊ جانسن ان جو حل اهو ڪڍيو ته اهڙا ڪوپن ٺاهيا وڃن، جيڪي مختلف رسالن ۾ اشتهار سان گڏ لڳل هجن. اهي ڏيکارڻ سان، بنا گهرڻ يا چوڻ جي پيڊز لفافي ۾ وجهي ڏنا وڃن، ڇو ته انهن ڪوپنز تي مقصد لکيل هوندو هو.

مون کي اهو پڙهي بي اختيار کل اچي وئي. لاشعوري طور تي جانسن اينڊ جانسن جي روايت جو حصو مان پنهنجي ننڍپڻ ۾ ئي بڻجي چڪي هئس، ۽ اهو به دنيا جي ٻئي پاسي هڪ ٻي اڻڄاڻ سرزمين تي.

ان ڏينهن جنرل اسٽور تان پيڊز خريد ڪري آڻڻ کانپوءِ گهر ۾ انهن کي لڪائي رکڻ به منهنجو هڪ ڪارنامو هو. پنهنجي تيارين جي خبر مون امان ۽ آپا کي ڏيڻ نه پئي چاهي. پيڊز خريد ڪري هاڻي منهنجي حالت ان سپاهيءَ جهڙي هئي جيڪو جنگ جي محاذ تي سرحد ويجهو چوڪس ٿي دشمن جو انتظار ڪري رهيو هجي ۽ دشمن به اهڙو جيڪو اعصابي جنگ وڙهي رهيو هجي.

ڪجھ ئي مهينن کانپوءِ اهو وقت اچي ويو جنهن لاءِ مان تيار ويٺي هئس. بنا پريشان ٿيڻ جي يا روئڻ پٽڻ جي، مون ان صورتحال کي تمام بهترين طريقي سان منهن ڏنو، ۽ مزي جي ڳالھ اها ته امان ۽ آپا کي ايندڙ ڇهن مهينن تائين خبر ئي نه پئجي سگهي ته سندن نڪ هيٺان ڇا پئي ٿيو؟

اهو راز تڏهن ظاهر ڪرڻو پيو جڏهن امان پريشان ٿي مون کي ڊاڪٽر وٽ وٺي وڃڻ جي رٿ رِٿي. خبر پوڻ تي مون کلي ورايو، "مان بلڪل نارمل آهيان ۽ مون کي مَاهوارِي شروع ٿيندي ڇهه مهينا گذري چڪا آهن."

امان ۽ آپا جون حيرت ۾ ڦاٽي ويل اکيون مون کان اڄ ڏينهن تائين نه وسريون آهن! انهن جي لاپرواهه، الهڙ ڌيءَ سماجي دٻاءَ خلاف پنهنجي جنگ جي شروعات ڪري چڪي هئي. ■

## وائي

### غلام نبي اوٺو

تون نه آئين ڍوليا!
پڪا پيرون پٽن تي
وڃي وساري ويهي رهين
ڏني ڏينهن ٿيا
پڪا پيرون پٽن تي
ڇڏي رنج ۽ رساما
پاهون ور او پيا!
پڪا پيرون پٽن تي
لاڙي لامون چارجون
لڙي لڙڪ پيا
پڪا پيرون پٽن تي ■



# امر اقبال جي سنڌوءَ کي پيڙا



## سنڌوءَ جو سَڏُ

### ٽه سٽا

ڪونهي ڪٽڪ ميان!
سُڃو واهڻ ٿي ويو
سُڃي سٽڪ ميان!

❋

روشن خيال ٿيون
پهريان پاڻي تان بچي
پوءِ سَڀ نال ٿيون

❋

دريا سُڪندو پوءِ
سَڀَ جي ٿيندي پيٽ ۾
ڪوبه نه بچندو پوءِ

❋

ڳالهيون هوندي ڳچ
سڀ لڪايون تا گهمن
ڪوبه نه آکي سچ

❋

پاڻي ڙي پاڻي!
جُڳ جُڳ جيئندي ڪيئن چئه!؟
سنڌو هي ساٿي

❋

تُنهنجا هوندا جي
سنڌو! ٿيندا سامهان
تولئه وڙهندا سي

❋

واڪا هيا ووءِ!
اڄو سنڌوءَ وارثو!
اڄو ٻيرلوءِ!

دوها

تو چواڪ ۾ رکيو آهي، منهنجو سنڌ درياهه
چا تون جاڻين ڪين تو ڳهلا! منهنجو ساهه پساهه

❋

پاڻي پاڻي، پاڻي پاڻي، پاڻي پاڻي ووا!
بي ڪا ناهي، هيءَ ئي آهي، يارا ڪهاڻي ووا!

## گيت

درياهه بَچايو ڙي!
درياهه بَچايو ڙي!


فصلن کي بچايو ۽
نسلن کي بچايو ۽
سِرُ ساهه بَچايو ڙي!

جيون کي بچايو ۽
پَنَ پَنَ کي بچايو ۽
گُلَ گاهه بچايو ڙي!

ڪا دانهن اُٿي آهي
هر ٻانهن اُٿي آهي
ويساهه بچايو ڙي!

سڄل کي بچايو ۽
بيدل کي بچايو ۽
هُو شاهه بچايو ڙي!
درياهه بچايو ڙي! ■

# ڊجيٽل دور جا ٻار ۽ چيلينجز



غلام مصطفي سولنگي

هلندڙ 21هين صديءَ سائنس ۽ ٽيڪنالوجيءَ سان گڏ انساني زندگيءَ جي هر شعبي ۾ تبديليون اچي رهيون آهن، جن مان هڪ وڏي تبديلي ڊجيٽل دور جو اچڻ آهي، جنهن اسان جي رهڻي ڪهڻي، تعليم، ڪم ڪار ۽ تفريح کي مڪمل طور تي بدلائي ڇڏيو آهي. ان ڊجيٽل دور ۾ وڏا يعني Grow ٿيندڙ ٻار اڳ وارن ٻارن جي ڀيٽ ۾ نئين قسمن جي چيلينجز ۽ موقعن کي منهن ڏئي رهيا آهن.

ڊجيٽل دور اِنهن ٻارن جي ٽيڪنالاجي جي وچ ۾ پالنا ڪري رهيو آهي. اهي ٻار ڪمپيوٽر، سمارٽ فون، ٽيبلٽ، ۽ انٽرنيٽ سان گڏ وڏا ٿي رهيا آهن، ۽ جن لاءِ ٽيڪنالاجي ڪا به نئين شيءِ نه آهي. اهي ان کي پنهنجي روزمره جي زندگيءَ جو حصو سمجهن ٿا. ڊجيٽل دور جي ٻارن کي "نيٽ جنريشن" (Net Generation) يا "زيڊ جنريشن" (Gen Z) به چيو وڃي ٿو. ڊجيٽل دور جا ڪجهه نقصان نه ان جا فائدا به آهن، جن مان ڪجهه هِتي بيان ڪجن ٿا:

**تعليمي سهولتون:**
ڊجيٽل ٽيڪنالاجي تعليم کي وڌيڪ دلچسپ ۽ آسان بڻائي ڇڏيو آهي. آن لائن ڪلاسز، ايڪوڊيشڪل ايپس ۽ ويڊيوز ذريعي ٻار ڪنهن به موضوع تي گهربل ڄاڻ سولائيءَ سان حاصل ڪري سگهن ٿا.

**عالمي سطح تي جُڙڻ:**
ڊجيٽل دور، ٻارن کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ سان ڳنڍي ڇڏيو آهي. اهي سوشل ميڊيا، وڊيو ڪالز ۽ آن لائن گيمز ذريعي دنيا جي مختلف ثقافتن سان رابطو ڪري رهيا آهن.

**تخليقيت ۽ اظهار:**
ڊجيٽل ٽولز جي مدد سان ٻار پنهنجون تخليقي صلاحيتون ظاهر ڪري رهيا آهن، مثال طور، اهي ڊجيٽل آرٽ، وڊيو ايڊيٽنگ، يا ڪاليڪارڪيشن پروجيڪٽس ۾ حصو وٺن ٿا.

**ڊجيٽل دور جا چيلينجز صحت تي اثر:**
ڊجيٽل گئجيٽس گهڻي وقت تائين استعمال ڪندڙ ٻارن جي جسماني ۽ ذهني صحت تي منفي اثر پون ٿا، مثال طور اکين جا مسئلا، ٿولهه، ۽ ذهني تڪليف عام ٿيڻ لڳا آهن.

**سائبر ڪرائيم خطرا:**
آن لائن دنيا ۾ ٻار سائبر بُلي ڪڙي، ڊيٽا چوري، ۽ نامناسب مواد جي نمائش جو شڪار ٿي سگهن ٿا. اهي خطرا ٻارن جي ذهني سلامتي ۽ تحفظ لاءِ وڏو مسئلو آهن.

**سماجي رابطن ۾ گهٽتائي اچڻ:**
ڊجيٽل گئجيٽس تي گهڻو وقت گذارڻ جي ڪري ٻار حقيقي دنيا ۾ سماجي رابطا قائم ڪرڻ ۾ مشڪلاتن جو شڪار ٿي رهيو آهي. اهي گهڻو ڪري ورچوئل دوستن تي ڀاڙين ٿا، جنهن ڪري انهن جون سماجي صلاحيتون متاثر ٿي سگهن ٿيون.

**والدين ۽ استادن جو ڪردار:**
ڊجيٽل دور ۾ ٻارن کي سنڀالڻ لاءِ والدين ۽ استادن جو ڪردار ڪافي اهم آهي. اهي ٻارن کي آن لائن سلامتيءَ جي باري ۾ سکيا ڏيڻ، وقت جي منصوبابندي ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ ۽ انهن جي ڊجيٽل عادتن تي نظر رکن. ان سان گڏ والدين کي پنهنجي ٻارن سان ڳنڊيل رهڻ ۽ انهن جي آن لائن سرگرمين ۾ دلچسپي وٺڻ گهرجي.




**نتيجو:**
ڊجيٽل دور اسان جي زندگيءَ جو هڪ لازمي حصو بڻجي چڪو آهي، جنهن ڪري ان دور جي ٻارن لاءِ هي هڪ اهم موقعو آهي ته اهي نئين ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان پنهنجي مستقبل کي روشن بڻائي سگهن ٿا، پر انهن کي صحيح رهنمائي ۽ حفاظت جي ضرورت آهي. والدين، استاد، ۽ سماج کي گڏجي پنهنجي نئين نسل کي هڪ بهتر مستقبل ڏيڻ ۾ مدد ڪرڻ گهرجي. ■

# علامہ آءِ آءِ قاضي جي ياد ۾ منعقد ٿيل تقريبون

رپورٽ: سردار چنڙ

سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ گذريل پندرنهن سالن بعد "فائونڊرس ويڪ" جون تقريبون، علامہ آءِ آءِ قاضي چيئر سنڌ يونيورسٽي طرفان Founder's Week: A Week of Enlightenmentجي عنوان سان سنڌ يونيورسٽي جي مک ڪيمپس کان سواءِ شهيد بي نظير ڀٽو ڪيمپس دادو، لاڙ ڪيمپس بدين، سيد الهندو شاه ڪيمپس نوشهروفيروز، ٺٽو ڪيمپس، سيد پناه علي شاه ماڊل اسڪول ڄامشورو ۽ ڊاڪٽر اين اي بلوچ ماڊل اسڪول اولڊ ڪيمپس حيدرآباد ۾ 9 اپريل کان 14 اپريل تائين منعقد ڪيون ويون، جن ۾ "علامہ آءِ آءِ قاضي جي تحريرن ۾ روشن خيالي" بابت سيمينار، ليڪچر ۽ بحث مباحثا ڪيا ويا.












سنڌ يونيورسٽي وائس چانسلر ڊاڪٽر خليل الرحمان کنڀاٽي هڪ تقريب ۾ ڳالهائيندي چيو تہ، علامہ قاضيءَ جون علامہ محمد اقبال سان ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيون رهيون، پر فلسفي تي آءِ آءِ قاضي وڏيڪ دسترس رکندو هو. سندس خطبا ٻڌڻ دهلي، لاهور ۽ ننڍي کنڊ جي ٻين شهرن مان ريل گاڏيءَ ذريعي ڪراچي ايندا هئا. فلسفي تي عالمي ڪانفرنس منعقد ڪرائي ويندي.

مدد علي سنڌيءَ چيو تہ، علامہ آءِ آءِ قاضي فلاسافر، تعليمي ماهر ۽ لطيف جو پارکو هو. سندس زندگيءَ جا وڏا پهلو آهن، جن تي تحقيق ڪري سگهجي ٿي. سنڌ يونيورسٽيءَ لاءِ ڄامشوري ۾ جڳهہ ڳولڻ ۾ صرف علامہ صاحب جو ڪردار هو. هن نيو ڪئمپس جو تصور ڏنو.

ڊاڪٽر عرفانہ ملاح چيو تہ، 1938ع ۾ يورپ ۾ بحث شروع ٿيو تہ عورت کي ووٽ جو حق ڏجي يا نہ، تنهن تي علامہ آءِ آءِ قاضي پنهنجو واضح مؤقف رکيو. علامہ آءِ آءِ قاضي، لطيف جو پارکو هئڻ سبب خودي ۽ بيخوديءَ واري فلسفي تي وڌيڪ ڄاڻ رکندڙ هو.


علامہ آءِ آءِ قاضي چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر مخمور بخاري جو چوڻ هو تہ، گذريل 15 سالن کان پوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر فائونڊرس ويڪ ملهايو پيو وڃي، جنهن دوران ترتيب وار 7 پروگرام منعقد ڪرايا ويا آهن. هن چيو تہ چيئر، علامہ آء آء قاضي ۽ مدر ايلسا قاضي جي سمورن آرڪائيز کي محفوظ ڪرڻ سان گڏ سندن فڪر کي سنڌ جي نوجوان سان واقف ڪرائڻ چاهي ٿي.

پاڪستان جي قيام کان اڳ اپريل 1947 ۾ قائم ٿيل سنڌ يونيورسٽي پنهنجي نيو ڪيمپس جي باني وائيس چانسلر علامہ آءِ آءِ قاضي جي 57 هين ورسي جي حوالي سان اهي پروگرام منعقد ڪيا ويا.

علامہ آءِ آءِ قاضي جي 57هين ورسيءَ جي موقعي تي ملهايل فائونڊرس ويڪ جي پڄاڻي جي مک تقريب 14 اپريل تي سنڌ يونيورسٽي جي مين ڪيمپس جي سينٽ هال ۾ وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان کنڀاٽي جي صدارت هيٺ ٿي. تقريب جي شروعات کان اڳ علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ مدر ايلسا قاضي جي مزار تي وائس چانسلر ۽ ٻين گلن جو چادرون چاڙهي فاتح پڙهي. ■






# Flow: For Love of Water

# پاڻيءَ جي ڪهاڻي

سُڪار جاڪرو

ايرينا سالينا جي هدايتن هيٺ ٺاهيل 2008ع واري دستاويزي فلم "فلو: فار لو آف واٽر" صرف هڪ فلم نہ آهي، پر پاڻيءَ جي عالمي بحران بابت هڪ اثرائتو آواز آهي، جيڪو دنيا جي مختلف حصن ۾ پاڻيءَ جي هڪ هٽي، نجڪاري، آلودگي ۽ بندن جي منصوبن جي اڳرن اثرن کي بي نقاب ڪري ٿو. 93 منٽن جي هن فلم ۾ معلوماتي انٽرويوز، عام ماڻهن جون ڪهاڻيون ۽ ڏک ڀريل تصويرون شامل آهن، جيڪي پاڻيءَ کي انساني حق بدران ڪاروباري شيءِ بنائڻ جي عمل تي تنقيد ڪن ٿيون.

فلم پنهنجي مواد ۾ مختلف ملڪن جا مثال پيش ڪندي هڪ عالمي نقشو سامهون آڻي ٿي، جتي پاڻيءَ جي کوٽ بابت مسئلا هڪ جهڙا نظر اچن ٿا. بوليويا ۾ پاڻيءَ جي نجڪاري خلاف ٿيندڙ تحريڪ هجي يا ڀارت جي نرمدا درياهہ تي ٺاهيل بند. فلم انهن کي هڪ وڏي تصوير جو حصو بڻائي پيش ڪري ٿي، خاص طور تي فلم ۾ ماهر ماڊ بارلو جا انٽرويو، جذباتي پسمنظر موسيقي، ۽ وضاحت ڀريو بيان فلم جي اثر کي پيٽو ڪن ٿا. بهرحال، فلم ۾ ڏنل انگ اکر ۽ حقيقتون عام ڏسندڙ لاءِ ڪجهہ مشڪل محسوس ٿين ٿيون.

فلم ۾ ڏيکاريل بندن جا اثر ۽ عوامي مزاحمت سنڌ، پاڪستان جي موجوده صورتحال سان گهڻي حد تائين مشابهت رکن ٿا. سال 2025 ع ۾ سنڌ ۾ ڇهن نون ڪئنالن، خاص ڪري چولستان ڪئنال، جي خلاف وڏي پيماني تي احتجاج هلندڙ آهن. انهن منصوبن سان خدشو آهي تہ اهي سنڌ جي زراعت، مقامي ماحول، ۽ انڊس ڊيلٽا لاءِ سنگين خطرا پيدا ڪندا. انڊس ڊيلٽا اڳ ئي پاڻيءَ جي گهٽتائي سبب سامونڊي لوڻ جي زير اثر اچي چڪي آهي، جيڪو علائقي جي زرعي ۽ جيو حياتي نظام لاءِ هاڃيڪار آهي.

"فلو: فار لو آف واٽر" جيان، جتي هيٺاهن علائقن جا ماڻهو بندن خلاف آواز اٿارين ٿا، اهڙيءَ طرح سنڌ جا آبادگار ۽ سياسي ۽ سماجي تنظيمون بہ پاڻيءَ تي قبضي جي مخالفت ۾ ميدان تي نڪري آيون آهن. انگن اکرن موجب 1999 کان 2023 ع تائين پنجاب کي 15 في سيڪڙو پاڻيءَ جي کوٽ پيش آئي، جڏهن تہ سنڌ کي 40 في سيڪڙو کوٽ ڀوڳڻي رهي آهي. ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ پاڻيءَ جي ورڇ ۾ وڏي انداز ۾ ناانصافي ٿي رهي آهي.

البت فلم خاص طور ڪارپوريٽ هڪ هٽيءَ تي تنقيد ڪري ٿي. سنڌ جا ماڻهو صرف پاڻيءَ جي کوٽ بابت نہ پر ان جي تقسيم ۾ غيربرابري خلاف آواز اٿاري رهيا آهن. هن صورتحال ۾ فلم جي پيش ڪيل حل، جيئن تہ پاڻيءَ کي انساني حق طور تسليم ڪرڻ، مقامي تحريڪن کي هٿي ڏيڻ، ۽ پاڻيءَ جي بچت بابت شعور، سنڌ جي حالتن سان چڱيءَ طرح ٺهڪي اچن ٿا.

جيتوڻيڪ "فلو: فار لو آف واٽر" فلم هڪ عالمي تصوير پيش ڪري ٿي، پر ان جي وسيع دائري سبب اها مقامي ۽ علائقائي سياست جي پيچيدگين بابت ڪجهہ بيان نٿي ڪري. مثال طور، فلم انڊس واٽر ٽريٽي (1960) يا بين الصوبائي تڪرارن جهڙن موضوعن کي تفصيل سان نٿي بيان ڪري، جيڪي سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ پاڻيءَ جي ورڇ تي اهم اثر وجهن ٿا. ان جي باوجود، فلم جو سڀ کان وڏو پيغام — يعني گڏيل مزاحمت، شعوري لاڙا، ۽ پاڻيءَ کي سيني لاءِ دستياب وسيلو بنائڻ — هڪ اهڙو عالمي آواز آهي، جيڪو سنڌ جهڙن علائقن جي ماڻهن لاءِ همٿ ۽ بصيرت جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو.

"فلو: فار لو آف واٽر" صرف هڪ دستاويزي فلم ئي نہ آهي، پر اها هڪ عالمي مسئلي بابت چتاءُ بہ آهي، جيڪو ڏيکاري ٿو تہ پاڻي، جيڪو زندگيءَ جو بنياد آهي، ڪيئن واپار ۽ اقتدار جو وسيلو بڻجي ويو آهي. فلم جي ذريعي ڏسندڙ دنيا جي مختلف علائقن جي مسئلن کي سمجهي سگهن ٿا، ۽ ان مان سبق حاصل ڪري سگهن ٿا تہ مقامي تحريڪون ڪيئن وڏي تبديلي آڻي سگهن ٿيون. سنڌ جي موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي، هيءَ فلم ڏسڻ جي لائق آهي، توڙي اهو سوچڻ لاءِ هجي، يا عمل ڪرڻ بابت. ■